

درجو ٽيون



سنڌي

ٻال ڀارتي

شڪشڻ کاتي جو منظور ڪيل نمبر پا يو م/١٠٩٠/ پا پاس/١٧١٢٠/(٧)س ٽا ٩٠/٧/١٧.١٧

درجو ٽيون

سنڌي


ٻال ڀارتي



١٩٩١

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل پڻي.





پرتگيا

ڀارت منهنجو ديش
آهي سڀ ڀارتواسي
منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.
مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار
آهي ۽ مونکي اُن جي شاندار ۽
طرح طرح جي ورثي تي گورو آهي
مان سدائين اُن جي لائق ٿيڻ جو جتن
ڪندو رهندس مان پنهنجي مٽن مائٽن،
اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس
۽ هرڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ
ڪندس. مان پرتگيا ٿو ڪريان
ته مان پنهنجي ديش ۽
ديشواسين سان سچو
رهندس اُنهنجي ڪلياڻ
۽ آسودگيءَ ۾ ئي
منهنجي خوشي
سمايل آهي.

ڇاپو پهريون : ١٩٩١

"سنڌي ڀاشا سمتي"

ڊاڪٽر ب. پ. للا	سڀاپتي
ڊاڪٽر دياال آشا	ميمبر
شري ديو ناٿاڻي	"
شريمتي رڪمڻي ڇيناڻي	"
شري راڌومل ڀڄاج	"
شري دامودر لالواڻي	"
ڪماري شڪنتلا ڪلڻالي	
سيڪريٽري ۽ وشيش اڌڪاري (سنڌي)	

چترڪار : شري جئرام آر. سرودي

ڪور پيج : شري مهاديو جامسنڊيڪر

نرمتي : شري م. د. گاڊيڪر، نرمتي اڌڪاري
شري لتن ٽالبي، نرمتي سهايڪ

فوٽو سيٽنگ : سائين پرنٽرس،
ورتڪ نگر، ٿاڻي-٤٠٠٦٠٦.

ڪاغذ : ٨٦ × ٦١ س. م. / ٧٠ گرام ڪريم
هن ڪتاب لاءِ ڪاغذ مهاراشٽر راڄيه جي شڪشڻ کاتي وٽان رعايتي اگهه ۾ مليل آهي.

پرڪاشڪ : پي. وائي. سالوي، ڪنٽرولر،
پاٺيه پستڪ نرمتي منڊل، بمبئي-٤٠٠٠١٨.

پرنٽر : H.K. NASTA H.K. PRINTERS, 120 Shivshakti Indl.Est.
Mathuradas Visanji Road, BOMBAY 400 059.

پرنٽ آرڊر : N/Ptg/T. B./ 483 (0.10)

فهرست

پرستاونا

سنه ١٩٨٦ جي قومي تعليمي نيتي مطابق "پرائمري تعليم اڀياس ڪرم ١٩٨٨" مهاراشٽر راڄيه ۾ تيار ڪرڻ ۾ آيو.


انهي سرڪاري طور منظور ٿيل اڀياس ڪرم پٽاندڙ، پاٺيه پستڪ منڊل تعليمي سال ١٩٨٩ - ١٩٩٠ کان سنڌي وشيه جا درجي پهرين کان اٺين تائين نوان ٻال ڀارتي ڪتاب مقرر وقت تي ڇپائي رهيو آهي. انهن مان ڪتاب ٻيون اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسانکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

اڀياس جي خاص اهميت ڌيان ۾ رکندي، ٻئين درجي جي ڪتاب ۾ اڀياس ڌار نمولي ۾ چڱي انداز ۾ ڏنو ويو هو. مگر درسي ڪتابن جي قيمت واجبي رکڻ جي خيال کان درجي ٽئين جي ڪتاب ڪانوٽي اڀياس ڌار نمولي ۾ نه ڏئي ڪري هر سبق جا پٺيت ختم ٿيڻ تي ڏنو ويو آهي. اهو اڀياس سولو ۽ چونڊ نمولي جو آهي. باقي اهميت وارو اڀياس اڌياپڪ متر ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

هي ڪتاب منڊل جي سنڌي ٻولي ڪاميٽي ۽ چترڪار جي اوچائي ۽ محنت سان تيار ڪيو ويو آهي

ڊائريڪٽر،
مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي
۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پوڻي.

پوڻي :
وجيادشمي: آشون ٧،
شڪي ١٩١٢



سَبَقُ پهريون

مُنهِنجو ڀارَتُ

مُنهِنجو ڀارَتُ ديشُ نِيارو
مُنهِنجو نُورُ اَکِيُنِ جو تارو

(۱)

نَدِيُنِ جي نِرمَلُ جَلَ ڌارا
ڳائي ڪَلِ ڪَلِ گِيتَ پِيارا
مَنَ موهِيندَڙ ڏِسي نِظارا
جهُومَنِ ڇولِيُونَ ڳائي ڪِنارو ....

(۳)

طَرَحَ طَرَحَ جا گُلَ گُلشَنِ ۾
اَلگِہِ روُپَ ۽ رَنگَ سِپِنِ ۾
مِلي هَلنَ هَٿُ ڏيئَي هَٿَنِ ۾
مُلڪَ جو ڪَنِ تـا بُلنَدُ سَتارو ....

(۴)

ڪَبوُنَ اَهِنسا سَچَ جي ڏِـڳَڻي
تَڏَهِنِ اَسانجي قائِمُ هِستي
ڪَرِ ڪَرِ مَنجهِہِ سَمايَلَ شَڪتي
اَمَرُ رَهَڻَ جو ڪَري اِشارو ....

****************** اپياس ******************

سوال ۱- هيٺِيَنِ سُوالَنِ جا جَوابَ ڏِيو.

(الف) چوليُوُن چا ڏِسي جهوُمَنِ ٿِيوُن؟

(ب) جڏَهِنِ ڪَڪَر وَسِڪارو ڪَنِ ٿا تَہ ڇاتو ٿِئي؟

(ث) وَطنَ جو سَتارو بُلنَدِ ڪيئن ٿا ڪَنِ؟

سوال ۲- هيٺِيَنِ لَفِظَنِ مان ساڳِيءَ معنيٰ وارَنِ لَفِظَنِ جا جوڙا ناهِيو.


(الف) نِرِمَلُ - گُلِشَنُ - شَڪِتِي - وَطَنُ

(ب) باغُ - طاقَتَ - ديشُ - صافُ



(٢)

سونِي ڌَرِتِي کيتَ سُهانا
اَنَ ۾ ڌَنَ جا اَکُٽَ خَزانا
ناچُ نَچِنِ ٿا سَنگَ مَسِتانا
جَڏهَنِ ڪَڪَرُ ڪَري وَسِڪارو ....



ڦرندا هئا. هڪ ٻئي کي اوکيءَ ويل مدد
ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح موج مزي ۾ وقت
گذاريندا هئا.

هڪ ڏينهن رحيم جي موٽر جو ٽڪر هڪ
ٽرڪ سان ٿي پيو. رحيم کي ڪافي چوٽ
لڳي، هن جو گهڻو خون وهي ويو.

رام کي سُڌ پئجي. هو سڀ ڪم ڪار ڇڏي
دوست جي مدد لاءِ اسپتال پهتو. ڊاڪٽرن



سبق ٻيو

دوستي نہ ڇوڙي

ھِڪڙا ٻہ دوست ھُئا، رامُ ۽ رحيمُ. رامُ تمامُ غريبُ ھو. پر دِل جو اميرُ ھو. رحيمُ امير خاندان جو سِکيلڌو ٻارُ ھو. رحيم جا ماءُ پيءُ غريبن سان دوستي رکڻ پسند نہ ڪندا ھُئا. رحيم کي بہ غريبن کان پري رکندا ھُئا.

رامُ ۽ رحيمُ ڪنھن جي بہ پرواھہ نہ ڪندا ھُئا. ھُنن جي دوستي قائمُ ھُئي. ھو گڏجي اسڪول ويندا ھُئا. لِکندا پڙھندا ھُئا. کائيندا پيئندا ھُئا. راند روند ڪندا ھُئا. گھمندا

آئي. بِنهي رام ۽ رحيم کي گلي لڳايو. سندن لڙڪ اَچا تائين وهي رهيا هُئا. هُنن جي دل چئي رهي هُئي ته "دوستي نه ڇوڙي"....

******************* اَڀياسُ *******************

سوال ١- هيٺين سُوالن جا جواب ڏيو:

(الف) اَميرِ خاندانَ جو سِڪيلڌو ٻارُ ڪير هو؟

(ب) رحيمَ جي ڪارِ جو ڪنهن سان ٽڪرُ ٿيو؟

(ث) ڊاڪٽرن ڪنهن جو خونُ رحيمَ کي چاڙهيو؟

سوال ٢- ڏنگين مان برابر لفظ ڪڍي خالَ ڀريو:

١. رامُ ۽ رحيمُ ڪنهن جي ٻه...... ...ته ڪندا هُئا.

(گِلا، ساراهه، پرواهه)

٢. رامَ کي...... ......مان خبر پيئي ته رحيمَ جي حالت خراب آهي. (ماڻهن، ڊاڪٽرن، نرسين)

سوال ٣- هيٺين لفظن مان ساڳيءَ معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ٺاهيو.

(الف) اوکي - چوٽَ - خونُ - تڪليف - اميرُ

(ب) ڏکُ - ڌڪَ - شاهوڪارُ - رَتُ - ڏکي

مان خبر پيس ته رحيم جي حالت خراب آهي.
جيڪڏهن کيس وقت تي خون نه چاڙهيو
ويو ته ڪجهه به ٿي سگهي ٿو. هن ڊاڪٽرن
کي پنهنجو خون چاڙهڻ لاءِ وينتي ڪئي.

ڊاڪٽرن رام جي خون جي تپاس ڪئي.
خون رحيم جي خون سان ٺهڪي آيو.

ڊاڪٽرن رام جو خون رحيم کي چاڙهيو.
آهستي-آهستي رحيم کي هوش اچڻ لڳو.
پريان رحيم جي ماءُ پيءُ سڀ ڪجهه بيٺي ڏٺو.
هنن جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. ٻئي
اڳتي وڌي آيا. ٻنهي ٻارن جي مٿان پيار
جو هٿ رکيو.

هاڻي ٻنهي کي اميري ۽ غريبي جو
احساس ٿيڻ لڳو. هنن جي اميري رام جي
احسان اڳيان نِچ هئي.

ڪجهه دير کان پوءِ رحيم کي سجاڳي

ٿي، وِديا ۾ اهڙو ٻلُ آهي جو وِديا وارو ماڻهوُ سَچَ ۽ ڪوُڙَ کي چڱيءَ طرح سُڃاڻي سگهندو.

وِديا جو ميدانُ تمامُ ڪُشادو ۽ بيحد اَٿاهه آهي. جيترو پڙهجي اوترو ٿورو. عامُ ماڻهوُ سمجهندا آهن ته ٻه ٽي اِمتحانَ پاسِ ڪري ڊِگريوُن وٺبيوُن ته ماڻهوُ عاقلُ ۽ اَڪابرُ ٿي ويندو. پرَ عِلمُ جيترو گهڻو پرائبو، اوترو فائدو ڪندو. وِديا اَٿاهه ساگرُ آهي، جنهِنجو اَنتُ لهڻُ مُشڪِل آهي.

وِديا اَهڙي پوُنجي آهي، جنهنکي نه ڪيرُ لُٽي سگهي، نه ناسُ ڪري سگهي. پاڻَ جيترو اِهو ڌنُ وِرهائبو يا خرچ ڪبو اوترو ئي وَڌندو رهندو.

ماڻهوءَ جوُن جايوُن جَڳهيوُن ٻِهي سگهنِ ٿيون، سندس ناڻو خلاصُ ٿي سگهي ٿو پرَ وِديا روُپي اَملهه خزانو نه ڪيرُ کسي سگهندس، نه ڪيرُ ڏاهي سگهندس.



سَبَقُ نائون

وِدِيا

وِدِيا سَڀِني زيوَرَنِ ۾ سُهڻي ۾ سُهڻو زيوَرُ آهي. وِدِيا ماڻهوءَ کي آتمُ-بَلُ ڏِئي ٿي. وِدِيا آتمُ-ٻَلُ ۽ سَڀُ سُکَ ڏِيڻَ واري آهي.

بي سَمجھڻِ کي ٻُوجھ اَچي ٿي. اُونداهِيُنِ دِلِيُنِ کي روشِني مِلي ٿي. پَرَمَنِ سَنِسَنِ ۽ وَهِمَنِ مان ڇوٽِڪارو مِلي ٿو ۽ ماڻهوءَ جو جِئڻُ نَئون جَنَمُ ٿو ٿِئي

سَچي وِدِيا اُها آهي جا ماڻهوءَ کي نِئَتَّرتَ سبکاري



سَبَقُ چوٿون

بِجلي ۽ پاڻيءَ جي بَچت

کشورُ : اَمان ڏِٺَئِه نه ؟ رَميشُ سَنانَ جي
کوٺيءَ مان نِڪتو ته پاڻيءَ جو نَلُ
پوريءَ طرَحَ بَندِ نه ڪيائين. پاڻي
اَجا تائين پيو اَجايو وَهي.

ماءُ : رميشَ، پُٽَ اِها ڳالهِه ته ٺيڪُ ڪِينَ
چَئِبي !

وِدِيا يعني عِلمَ بِنا اِنسانُ اَندو آهي. وِدِيا وَڏي ۾ وَڏو ڌَنُ آهي.

***************** آڀِياسُ *****************

سُوالُ ١- هيٺِيَنِ سُوالنِ جا جَوابَ ڏِيو.

(الف) وِدِيا جي ڪَنهِن سان ڀيٽَ ڪَئِي ويئِي آهي ؟

(ب) سَچِي وِدِيا ڇا ڪَري ؟

(ث) وِدِيا جو ڌَنُ ڪيئَن وَڌَندو رَهَندو آهي ؟

سوال ٢- ڏِنگيَنِ مان بَرابَر لِفظُ ڪڍِي خالَ ڀَرِيو:

١. وِدِيا جو ميدانُ تمامُ...... ...... ۽ بيحَدِ اَٿاهُ آهي.

(وَڏو، ويڪِرو، کُشادو)

٢. ....اَهِڙِي پُونجِي آهي جَنهِن کي نَہ ڪيرُ لُٽي تو سَگهي نَہ ناسُ ڪَري تو سَگهي.

(وِدِيا، چڱائِي، پَڙهائِي)

٣. عِلمَ بِنا اِنسانُ...... ......آهي. (موڳو، بيوَسِ، اَندو)

سوال ٣- هيٺِيَنِ لفظن مان ساڳِي ۽ معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ناهيو.


(الف) وِدِيا - بوُجهہ - ڇُٽڪارو - پُونجِي - عاقُلُ

(ب) عَقُلمَندُ - خَتمَ - مِلڪيت - جاڻَ - علم

* * *

آهن. اَسانکي نَہ اَهڙيِ ڪا تَڪلِيفَ نَہ آهي. اَسِين اِنهن لاءِ ڪَنجُوسِي ڇو ڪَرِيُون؟

ماءُ : پُٽَ رميشَ، اَسانکي هَرَهِڪَ شيءِ جي بَچَتِ ڪَرَڻُ کپي. پوءِ اُهو پاڻي هُجي يا بجلِي، وَقتُ هُجي يا پَئسو. اُنهَنِ جي اِستعمالَ ۾ ڪَنجُوسِي نَہ پَرَ ڪِفايَتَ ضرورِي آهي. اَسان وَٽِ هَميشَہ بِجلِي ۽ پاڻِي چالُو آهِنِ، اِنَ جو مَطلَبُ اِهو نَہ آهي تَہ اسِين اِنهَنِ جو لاپَرِواهيءَ سان اِستعمالُ ڪَرِيُون. بِجلِي ۽ پاڻِي اِهي ٻَئِي تمامُ ضرورِي گهرجُون آهِنِ. اَسِينَ اِنهن جي جيتِري ڪِفايَتَ ڪنداسِين، اوتِروئِي اِهي سُکَہ وڌِيڪَ ماڻهُنِ تائِين پَهچائِي سَگهَنداسِين. توکي تَہ خبرَ آهي.



پارتي : ڪشورَ، تنهِنجي اِها شِڪايَت بَرابَر آهي. پَرَ ڪُجھہ پاڻَ کي بہ تہ ڏِسُ، ڪالهہ تو ڪان بہ تہ سنانَ جي ڪوٺِيءَ جي بَتِي بَندِ ڪَرڻُ وِسِري وئِي هُئِي. بَلبُ ڪيترِو وَقتُ اَجايو ٻَرَندو پِئي بَرِيو.

رَمبش : پَرَ اَمان بِجلِيءَ پاڻِيءَ جي تہ اَسانجي گھرَ ۾ ڪا ڪَمي ڪانَ آهي. ها مُنهِنجي دوسِت پَرڪاش جي گھرَ ۾ گھڻو ڪَري پاڻِيءَ بجلِي بَندِ هوندا

آپباسُ

سُوالُ ١- هيٺين سُوالن جا تُوري ۾ جَوابَ ڏيو:

(الف) پارتيءَ ڪِشورَ کي ڇا چَيو؟

(ب) ماءُ رميش کي ڪِهڙين شَين جي بَچت لاءِ چَيو؟

(ٿ) نَلڪو اَجايو وَهندَڙ نظر اَچي ته ڇا ڪجي؟

سُوالُ ٢- ڏِنگين مان برابر لفظ ڪڍي خالَ پُريو:

١. اَسان کي هَرهِڪَ شَيءِ جي...... ......ڪَرڻُ گُهرجي.

(بَچت، کَپت، خريدي)


٢. شَين جي اِستعمالَ ۾ ڪنجوُسي نه پَرَ ....ضرورِي آهي. (عِنايَتَ، ڪِفايَتَ، سَخاوَتَ)

٣. اَسان جي پارتَ ديش ۾...... ......وَڌَندي رَهي ٿِي.

(سَستائِي، غَرِيبِي، آدَمشُماري)

سُوالُ ٣- هيٺيان لفظَ جُملن ۾ ڪَم آڻيو.

١. شڪايَتَ ٢. ڪِفايَتَ ٣. فِضُولُ



اَسانجي ديشَ ڀارَتَ ۾ آدَمِشُماري
وَڌندي رَهي ٿي. اَسانکي هَرَهِڪَ
گهَرَ ۾ بجلي ۽ پاڻي پَهُچائِڻَ لاءِ اِنهَنِ
جي بَچتِ ڪَرَڻُ گهُرجي.

رمبش : هاڻي سَمِجهه ۾ آيو تَہ بجليءَ ۽ پاڻيءَ
جي بَچتِ تَمامُ ضرورِي آهي.

ماءُ : تَنهِنڪَري ٻارو، پاڻيءَ ۽ بجليءَ
جو زِيانُ ڪَڏهِن بِہ نَہ ڪَرَڻُ کپي.
جِتي بہ ڪو نَلِڪو اَجايو وَهندڙُ نَظَر
اَچي تَہ يَڪِدَمُ بَندِ ڪَرِڻُ کپي. جِتي
بِہ ٻَتي فُضولُ ٻَرنَدڙَ ڏِسَڻَ ۾ اَچي، اُنَ
کي بَندِ ڪجي. جِتي بِہ ڪو بِجليءَ
جو پَنکو اَجايو هَلنَدڙُ ڏِسَڻَ ۾ اَچي،
اُنَ جو بَٽَڻُ هِڪَدَمُ بَندِ ڪَرَڻُ گهُرجي.
اِهي بَچتِ جُون سُٺيُون عادَتون
اَسان سِڀِني لاءِ ضرورِي آهِنِ.

سَويلَ سُمِهجي سَويلَ اُٿِجي
اَوَلِ ڏَڏيءَ جو نالو ڳِنهِجي

ڪوُڙُ نہ ڇَئِجي ڏِجي نہ گارِ
شَيءِ چورائي ڏِجي نہ خُوار

هِنَ نَصِيحَتَ تي جو هَلندو
مائِٽَ مِٽَ کي سو وَڻندو

***************** اِيياسُ *****************

سُوالُ ١. هيٺِيَنِ سُوالن جا جَواب ڏِيو:
(الف) اُستادَنِ کي نِتُ ڇا ڏِجي ؟
(ب) سَويلَ اُٿِي اَوَلِ ڪنهِن جو نالو ڳِنهِجي ؟
سوال ٢- هيٺِيَنِ سِٽنِ ۾ بَرابَرِ لَفِظُ وِجهِي خالَ ڀَريو:
١. ڪوُڙُ نہ ڇَئِجي ڏِجي نہ...... .....
٢. شَيءِ چورائي ڏِجي نہ...... .....
٣. ڀاڻ ءِ ڀيڻُ سان رَکِجي...... .....

* * *



سبق ڇهون

سُٺا لڇڻ

ماءُ ۽ پيءُ جو چَيو مَڃجي
سَدا اَدبَ ۾ تِنِ جي رَهجي
نِتُ اُستادَ کي مانُ ڏِجي
جِئَن هوُ چوي تِئَن ڪَجي
ڀاءُ ۽ ڀيڻُ سان رَکجي پيارُ
ٻِنِ سان ڪونہَ ڪَجي تڪِرارُ

هوُ هَميشَہَ ڪَمُ ڪَرَڻُ وَقتِ ڳيتَنَ پيو ڳائيندو هو ۽ آئي وئي کي کِلي پيو ڪِيڪاريندو هو. پَنهنجن گراهڪَن سان بيحد پيارَ ۽ نِمرتا سان ڳالهائيندو هو. هوُ تَمامُ خُوشِ هو.

هِڪَ ڏينهن هِڪُ سادوُ وَٽِس آيو. سادوءَ پَنهنجيءَ جهوليءَ مان هِڪُ پَٿَرُ ڪڍي ڏنس. چيائينس، ”هيءُ پارَسِ جو پَٿَرُ آهي لوهہَ کي سون ۾ بَدلائيندو آهي. توُن پاڻَ وَٽِ رَکُ.“

موچيءَ چيس، ”مَهاراج معافُ ڪجو مان مَحنَت سان ڪمائيندو آهِيان. موُنکي ڪنهِنجيءَ بہِ مَدَدَ جي ضروُرَت ناهي. سادي کاڌي ۽ سادِيءَ جهوُپڙيءَ ۾ مان بِلڪُل خوُشِ، راضي پرسَن آهِيان.“

جَڏهِن سادوءَ پَٿَرُ وَٺڻَ لاءِ زورُ ڀَرِيُس تہ موچِيءَ مُشڪي چيو، ”سادوُ بابا، هيءُ پٿر نہ ڪنهِن اَميرِ ماڻهوُءَ کي ڏيو، ڇو جو اُهي ڏن



سبقُ ڇهون

سچي ڪمائي

هرِدوارِ ۾ هڪُ غريبُ موچي رهندو هو. هو گنگا جي گهاٽَ تي ويهي، سڄو ڏينهن ڪمُ ڪندو هو. راتِ جو پنهنجيءَ جهوپڙيءَ ۾ وڃي سمهندو هو. محنت ڪري، جوتا ناهي ڪجهه پئسا ڪمائيندو هو. انهيءَ طرح رکي سکي روٽي کائيندو هو.

سُوالُ ٢- هيٺيان گُفتا ڪنهن چيا آهن ؟

١. ”هِيءُ پارَسُ جو پٿَرُ آهي. لوهہ کي سونَ ۾ بَدِلائيندو آهي“

٢. ”سادي ڪاٺي ۽ سادي جهوپڙيءَ ۾ مان بِلڪُل خوش راضي، پَرِسَنُ آهيان“


٣. ”هيءُ پٿَرُ تہ ڪنهن اَميرِ ماڻهوءَ کي ڏيو“.

سُوالُ ٣. هيٺين ۾ بَرابَرِ لاءِ ها ۽ غَلَطِ لاءِ نہ لِکو

١. غَرِيبُ موچي گوداوَريءَ جي گهاٽَ تي ڪَمُ ڪندو هو.

٢. موچي پارَسُ وَٺي جهوليءَ ۾ رَکيو.

٣. موچي لالچي نہ هو.



* * *

هُوندي بہِ غَريبُ آهِنِ. اُنهنِ.کي هَميشہ پئَسنِ جي گهُرجَ رَهنَدي آهي. مان مِسڪينِ موچِيءَ! مَحِنَتَ ۾ ئي مَزو آهي. ڇا ڪَندُسِ هيءَ پارَسِ جو پٿَرُ؟"

سادُو سَمِجهي وِيو تہ موچِي لالچي ڪونہ آهي. موچِي پَنهِنجي ڪَمَ ۾ لَڳِي وِيو. ۽ سادُو اُتان هَلِيو وِيو.

اَسان سَڀِني کي هَٿَ سان پورِهيو ڪَري ڪَمائِي ڪَرَڻُ گهُرجي. اِنَ ۾ ئي سَچِي خُوشِي ۽ بَرڪَت آهي.

—

****************** اَڀياسُ ******************

سُوالُ ١- هيٺِيَنِ سُوالَنِ جا تَوري ۾ جَوابَ ڏِيو:

(الف) سادُوءَ موچِيءَ کي پَٿَرُ ڏيئِي ڇا چيو؟

(ب) سَچِي خُوشِي ۽ بَرڪَت ڇا ۾ آهي؟

سَنگيتَ ۾ ماهِرِ هوُندا آهِنِ. اَجُ ڪَلهہ سوُرداسَنِ لاءِ خاصِ لِکَڻَ پڙهَڻَ جو طَريقو پڻِ آهي. اُنَ کي "بِريلِ طَريقو" سَڏِجي ٿو. اِهڙِيءَ طَرَحَ هوُ پڙهِي ڳڙهِي پاڻَ تي ڀاڙي سگهَنَ ٿا.

دُنيا ڀَرِ ۾ سوُرداسَنَ کي هَلَڻَ مهِلَ "اَڇِي لَٺِ" ڏِني ويندِي آهي تَہ جيئَنَ رَستي ويندي اُنهَنِ جي مَدَدَ ڪَري سَگهِجي.

اَجُ ڪَلهہ تَہ سائِنسِ ايترو واڌارو ڪيو آهي جو ڊاڪِٽَرَ خرابُ اَکِ ڪَڍِي سُٺِي ءَ سَڄِي اَکِ وِجهِي سَگهَنِ ٿا. اِئين ڪيترَنِ اَنڌَنِ جو عِلاجُ ٿِي سَگهندو آهي.

بارَنِ کي ننَڍِي هوُندي کان وِٺي اَکيُنِ جي سَنڀالَ ڪَرَڻُ گهُرِجي. وِٽامِنِ "اي" وارا کاڌا کائِڻَ سان نَظَرَ تيزُ رَهي ٿِي. باداميوُن، گجَروُن، ساوَن پَنَنَ وارِيُن ڀاڄيُنِ کائِڻَ سان



سبق ستون

اَکِبوُن

اِيشِوَرَ اَسانکي کبتِرو نہ سُندَرُ سَرِيرُ ڏِنو آهي. هَرِهِڪُ عُضِوو اَمُلهہ آهي. چَوَندا آهِن. نوُرَ بِنا سَڀُ کوُڙُ آهي. يَعنِي اَکِيُن جي روشِنِيءَ کان سَواءِ ماڻهوُ اَندو يا سوُرِداسُ آهي. کي ماڻهوُ جائي جَمَ کان سوُرِداسَ هوُندا آهِن. اُنهَن ويچارَن جي زِندَگِيءَ ۾ اوُندَهِ هوُندِي آهي. هوُ نہ قُدرَتَ جا نِظارا ڏِسي سَگهَن ٿا نہ دُنيا جِي سَموُرِي سوُنهَن. اِيشِوَرَ اِهڙَن جِيَوَن جا ٻِيا حَواسَ تيزُ ڪَندو آهي. تنهِنکَري هوُ ڳالهِيُن وَجائِن ۾ هوُشِيارِ ٿِي سَگهَندا آهِن.



سَبَقُ اٺون

ڦَٽِ ڦَٽِي

ڦَٽِ ڦَٽِ ڦَٽِ ڦَٽِ ڪري هَلِي ٿِي
طوُفانَنِ جِي چالِ چَلي ٿِي

بَسِتي بَرَ ۾ شورُ مَچائي
رَسِتي تي چَڪرُ لَڳائي

گاهُ ۽ داڻو موُر نه کائي
تيلَ سان پَنهِنجِي پِياسَ بُجهائي

نظَرَ نهندِي آهي. ٻه چارِ دفعا ڏينهن ۾ اکيون
ٿڌي پاڻيءَ سان ڌوئڻ گهرجن. اونداهه يا
هلندڙ گاڏيءَ ۾ يا سمهي پڙهڻ لکڻ نه گهرجي.
گهڻو وقت ٽي. ويءَ سامهون ويهي ڏسڻ به
نقصانڪارُ آهي.

اکين جهڙي ڪا بي نعمت نه آهي.

****************** اڀياسُ ******************

سوالُ ١- هيٺين سوالن جا تفصيل ۾ جواب ڏيو:

(الف) سورداسُ ڪنهن کي چوندا آهن ؟

(ب) سورداسن جي لکڻ پڙهڻ واري طريقي کي
ڇا ڪري سڏبو آهي ؟


(ت) گهڻا وٽامن وارا کاڌا کائڻ سان نظر تيزُ
رهي ٿي ؟

سوالُ ٢- هيٺين لفظن جا ابتي معنيٰ وارا لفظ (ضد) لکو:

١. سُندرُ ٢. اونداهه ٣. خرابُ ٤. تيزُ

سوالُ ٣- هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:

١. قدرت ٢. حواس ٣. نظارو ٤. علاجُ



سبق ناؤن

وقت سڃاڻڻ

ماستر : ٻارو، ڀت تي ڇا ٽنگيل آهي؟
راڪيش : سائين ڀت تي گهڙيال ٽنگيل آهي.
ماستر : ريشما ٻڌاءِ ته گهڙيال ۾ هينئر گهڻا لڳا آهن؟
ريشما : سائين مونکي ته وقت سڃاڻڻ اچي ئي ڪونه. توهان سيکاريو.

مِنٽَنِ ۾ پَنڌُ ڪبڏو ڪَري ٿي
وَٺِي وَڃي سا پَري پَري ٿِي

ڪَڏَهِن نہ ٿَڪِبي، مور نہ وِهندي
سُسِٽَنِ وانگُرُ ڪِٿي نہ بِيهَندي

ماڳہ تي پُهُچَڻ لاءِ ٿِي بوڙي
بوڙَڻ کان مُنهن ڪِين ٿي موڙي


****************** اَڀِياسُ ******************

سُوالُ ١- هيٺِيَن سُوالَنِ جا ٿوري ۾ جَواب لِکو:
(الف) ڦَتِ ڦَتي ڪوڙِي چالِ سان هَلي ٿِي؟
(ب) ڦَتِ ڦَتي پَنهِنجي پِياسَ ڇا سان بُجهائي ٿِي؟
(ٿ) ڦَتِ ڦَتي ڪوڙِي ڳالِهِ کان مُنهن نٿي موڙي؟
سُوالُ ٢- هيٺِين سِٽَ صافُ ۽ سُهڻَنِ اَکَرَنِ ۾ ٻہ دَفعا لِکو.
"ڪَڏَهِن نہ ٿَڪِبي، مور نہ وِهندي"
سوال ٣- هيٺِيَن لَفظَنِ مان ساڳِيءَ معنيٰ وارَنِ لَفظَن
جا جوڙا ٺاهيو.
(الف) چالِ - ماڳہ - شورُ
(ب) هَنڌُ - رَفتارُ - لَڙُ

ماسِتَرُ : بَرابَر. هاڻي ڏِسو ٻارِهَن جو انگ مَٿي لِکِيَلُ آهي ۽ ڇهَن جو انگ اِنَ جي بِلڪُل هيٺان لِکِيَلُ آهي. ۱۲ کان ٦ تائِين ساڄِي پاسي ۱، ۲، ۳، ۴، ۵ ۽ کاٻي پاسي ۷، ۸، ۹، ۱۰ ۽ ۱۱ لِکِيَلَ آهِن. سَندِيپَ تون ٻُڌاءِ تہ اِنَ گول چَڪَرَ ۾ ٻِيو ڇا ٿو ڏسِين ؟

سَندِيپُ : سائِين گولَ جي وِچَ تي ٻہ سُئيون آهِن، هِڪَ وَڏِي سُئِي ۽ ٻِي ننڍِي سُئِي.

ماسِتَرُ : اِنهَن سُئِنِ کي کانٽا بہ چئِبو آهي ننَڍِي سُئِي ڪلاڪَ ۽ وَڏِي سُئِي مِنٽَ ڏيکاريِندِي آهي. هاڻي ڌِيانُ ڏيئِي ٻُڌو. اُها وَڏِي سُئِي جَڏهِن ۱۲ تي ايِندِي آهي. تَڏهِن ننڍِي



ماسٽرُ : ٻارو! اَڄُ مان تَوَهانکي وَقتُ
سُڃاڻڻُ سيکارِيان ٿو. پِرَهلاد گهَڙِيالَ
جي گولُ چَڪرَ ۾ نوڪي ڪي اَنگَ
ڏِسَڻَ ۾ اَچَنِ ٿا ؟

پِرَهلادُ : ها سائِين.

ماسٽرُ : ڪهڙا انگَ لِکيَلَ آهِنِ ؟

پِرَهلادُ : گولُ چَڪرَ ۾ هِڪَ ڪان ٻارِهَنِ
تائِين اَنگَ لِکيَلَ آهِنِ.

ڇُرَندي ٣ ني پُهُچندي ته سَوا ڇهه لَڳندا. جڏهن اِها سُئي ٦ ني پُهُچندي تڏهن سادا ڇهه ۽ جڏهن اُها سُئي وري ٩ ني ايندي ته لَڳندا پوڻا سَت.

بارو، اهڙيءَ طرح سوا، سادا ۽ پوڻا سُڃاڻڻ گهُرجن.

شاگردُ : سائين وقتُ سُڃاڻڻُ ته تمامُ سَولو آهي.

ماستر : جڏهن ننڍي سُئي ٧ کان ٿورو اڳتي آهي ۽ وڏي سُئي ٣ ني آهي ته گهڻا لڳندا؟ ريشما تون ٻُڌاءِ؟

ريشما : سائين، سوا سَت

ماستر : شاباس! هاڻي ننڍي سُئي ٩ کان ٿورو اڳتي آهي ۽ وڏي سُئي ٦ ني ته گهڻا لڳندا؟

سُئَي جَنهِن بِہ اَنگہ تي هوُندِي آهي تہ
"اونِرا لَڳا آهِنِ" اِئبِن چَئِبو آهي.
مَدوُ هاڻي توُن ٻُڌاءِ تہ ننَڍِي سُئَي
هبِنئَرَ ڪهِڙي اَنگہ تي آهي ۽
وَڏِي سُئَي ڪهِڙي اَنگہ تي آهي ؟

مَدوُ : سائِين ننَڍِي سُئَي ٣ تي آهي ۽
وَڏِي سُئي ١٢ تي.

ماسِتَرُ : تہ چَئِبو هاڻي ٣ لڳا آهِن راڪيشَ
هاڻي توُن ٻُڌاءِ تہ جَڏهِن وَڏِي
سُئَي ١٢ تي ۽ ننَڍِي سُئَي ٥ تي
هوُندِي تہ گهڻا لَڳَندا ؟

راڪيشُ : سائِين ٥ لَڳَندا.

ماسِتَرُ : هاڻي مان اُوهانکي سَوال اَڏَ ۽ مُنِي
جوحِسابُ ٿو سيکارِيان. جَڏهِن ننَڍِي
سُئَي ٦ تي ۽ وَڏِي سُئَي ١٢ تي تہ ٦
لَڳَندا. جَڏهِن وَڏِي سُئَي آهِستي



سَبَقُ ڏهون

بُرائيءَ بَدِرِي ڀَلائي

هِڪَ دَفعي هِڪُ ڌاڙيلُ مَرڻ ڀَرِسگهِ حالَتِ ۾ اِسپتالِ ۾ داخِلِ ٿيو. ڏاڍي تَڪليفَ هُيَسِ. اِسپتالِ جي جَنهِن وارڊَ ۾ داخِلِ ٿيو، اُتي هِڪَ ڏياوانُ نَرسِ ڪَمُ ڪَندِي هُئي. نَرسِ جي سُٺي سَنڀالَ ۽ شبوا ڪَرَڻَ ڪَري ڌاڙيلُ بَهتَرُ ٿيندو وِيو. عِلاجَ جي دُورانِ ڌاڙيلُءَ جي مَنَ ۾ وِيچارُ آيو تَہ هِنَ نَرسِ کي ڪِٿي نَہ ڪِٿي ضرورُ ڏِٺو آهي.

پِرَهلادُ : سائِين سادا نوَ.
ماسِٽرُ : جيڪڏهن ننڍي سُئي ۱۱ کان ٿورو
اَڳتي هُجي ۽ وَڏي سُئي ۹ تي
هُجي ته گهڻا لڳندا ؟
سَنديپُ : سائِين پوڻا بارهن.
ماسٽر : شاباس! شاباسِ! ٿوهان نه سڀ
هُوشِيارُ بارَ آهيو.
****************** اَڀياسُ ******************
سُوالُ ۱- هيٺِيَن سُوالَنِ جا جُواب ڏيو:
(الف) گهڙيالَ جي گولُ چڪرَ ۾ ڪيترا انگ هوندا آهِن ؟
(ب) ننَڍي سُئي جا ڏيکاريندي اهي ؟
(ث) گهڙِيالَ ۾ وَڏي سُئي ۱۲ تي ۽
ننَڍي سُئي ۵ تي هوندي ته ڪهڙو وَقِتُ لِکِيو ويندو؟
سُوالَ ۲. هيٺِ ڏِنلَ گهڙِيالَ جي ڪانٽن جي بيِهَڪَ ڏِسِي
بَرابرُ وَقِتُ ٻڌايو.
(الف) وَڏي سُئي ۱۲، ننڍي سُئي ۳ .
(ب) وَڏي سُئي ۱۲، ننڍي سئي ٦
(ب) وَڏي سُئي ۳، ننڍي سئي ٦ کان اُڳتي.
سوال ۳- پاڻي ۽ ڪاغذَ مان گهڙيالُ تيارُ ڪريو
* *

نرس ٻڌي ويئي. لاچار ٿي ڏک ڀريءَ آواز ۾ چيائين: "ڀاءُ، مان هڪ وڏوا پيٽُ آهيان. توئي مونکي وڏوا ڪيو آهي. هڪ رات تون ڏي ڌاڪو ٿي آسان جي گهر آيئين، مونکي رسيءَ سان ٻڌي منهنجي اکين اڳيان منهنجي پٽيءَ جو خونُ ڪيو. منهنجي گهر جو سڀُ ڪجهه ڪڍي مونکي سڄو ڪري ڇڏيو. جڏهن تون هن اسپتال ۾ آيئين ته مون توکي برَوقت سڃاتو، چاهيان ها ته توکان بدلو وٺي سگهان ها. پر اندر مان آواز آيو ته، "برائي جو بدلو ڀلائي هئڻ گهرجي."

اِنَ ڪري تنهنجي سچي شبوا ڪري، سٺي سنڀالَ ڪري توکي جلدُ ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، ميرا ڪپڙا صابڻ سان ڌوئبا آهن. اِنَ طرح بري ماڻهوءَ سان سٺو ورتاءُ ڪبو ته سندس مَنُ بہ صاف ٿيندو ۽



جَڏَهن ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙو ٿيو تہ نرس
کان پُڇيائين، ”مون توکي ڪٿي ڏٺو آهي.“
پر هُنَ جي سُوالَ جو جَوابُ ڏيڻ بدران نرس
ماٿ ۾ مُشڪي اُتان هلي وئي. وَرُ وَرَ ڪري
پُڇَڻ کان پوءِ نرس ڪڏهن پورو جَوابُ نہ ڏنو.
ڊاڪوءَ جي ڏاڍي چاهنا هُئي تہ نرس جي
پوري سُڃاڻپَ ملي. آخر ۾ ڊاڪوءَ نرس کي
چيو: ”هاڻي جيڪڏهن سُڃاڻپَ نہ ڏيندين
تہ مان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪندس.“



سَبَقُ ٻارِهون

ٻاپُو

مُزيدارُ گانڌِي مَزيدارُ ٻاپُو،
هو گُجراتِ جي ڳوٺَ ۾ پاڻَ جائو.
ڇٻو وَرِشَ ڀارَتَ اَسان لاءِ آيو،
ڏِنو ساري سَنِسارَ کي پِيارُ ٻاپوءَ.......
جي ڏُکَ ڪَبرُ هَٽَنَدُسِ تَہ چَوَندُسِ "تون ٻبو هَڻُ"
سَدا مُشِڪِي چَوَندُسِ "ٻَلِي مونکي ٻبو هَڻُ"

پاڻ بہ ٻين سان بُرائيءَ بدران ڀلائي ڪندو.
ڀلائي ڪندين تان ڀلو تنهنجو ٿيندو،
ڀلائيءَ جا ڀاڙا ڏاڍي نوڪي ڏيندو.

اڀياس

******************* اڀياس *******************

سوالُ ١- هيٺين سوالن جا جوابَ ڏيو:

(الف) ڊاڪوءُ اسپتال ۾ ڇو داخل ٿيو؟

(ب) هن جي سُٺي سنڀال ۽ شيوا ڪنهن ڪئي؟

(ٻ) ڊاڪوءَ جي مَنَ ۾ ڪهڙو ويچارُ آيو؟

(پ) ڊاڪوءَ جي ڪهڙي چاهنا هُئي؟

(ڀ) نرس جي برابر جواب نہ ملڻ تي آخر ڊاڪوءُ ڪيس ڇا چيو؟

(ت) نرس ڊاڪوءُ کي ڪهڙو جوابُ ڏنو؟

سوالُ ٢. هيٺين ۾ خال ڀريو:

١. ڊاڪوءُ.........حالت ۾ اسپتال ۾ داخل ٿيو.

٢. جيڪڏهن سچائپ نہ ڏيندين تہ مان ٿپو ڏيئي ....ڪندس.

٣. ڀلائي ڪندين تان..........تنهنجو ٿيندو.

سوالُ ٣- هيٺين لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ لکو.

علاجُ - رسي - چاهنا - ڀتي - ڀاڙا

* * *

سَبَقُ ٻارَهون

پَکِي

هِنَ سِرِشٽيءَ ۾ پَرِماتِما ڪيترائي پَکِي پيدا ڪيا آهِن. پَکيءَ جي سَرِيرَ جا ٽي ڀاڱا آهِن. مَٿو، ڇاتِي ۽ پُڇُ. پَکيءَ جي سَڄي بَدَنَ تي کَنڀَ ٿِيَنِ ٿا. اُڏامَڻَ لاءِ ٻه پَرَ اٿَسِ. پَکيءَ کي ٻه ٽَنگُون ٿيندِيُون آهِن. هَرَهِڪُ پيرَ ۾ چارِ آڱِريُون ٿيندِيُون اٿَسِ.



عَجَبُ هو اَهِنسا جو اَوتارُ باپو ....
هر ہِجَنُ يا هندوُ، مُسِلمانُ ڪوئِي ،
هُجي پارِسِي يا ڪِرِستانُ ڪوئِي ،
سَڀِنِ سان هَلِيو ساڳِيو وَهنوارُ باپو ....
نَچِيو ٽي ٽِپِيو ٽي ڪِلِي ٻارِڙَنِ سان،
رَمِي خوبُ راندِيوُن ٽِلِي ٻارِڙَنِ سان ،
ٻڍِي سان ٻُڍو، ٻارَ سان ٻارُ باپو ......

************** آڀِياسُ **************

سُوالُ ١- هيٺِيَنِ سُوالَن جا جَوابَ ڏِيو:
(الف) مَهاتِما گانڌِي ڪِهڙِي راجِيَہ ۾ ڄائو؟
(ب) اَهِنسا جو اَوتارُ ڪيرُ هو؟
(ث) مَهاتِما گانڌِي ٻارڙَن سان ڪيئَن هَلندَو هو؟

سُوالُ ٢. هيٺِيَنِ جُملَن ۾ بَرابَرِ لاءِ ها ۽ غَلَطِ لاءِ نَہ لِکو.
١. مَهاتِما گانڌِي جاڻِو جُوانُ هو.
٢. مَهاتِما گانڌِي ٻڍي سان ٻُڍو ۽ ٻارَ سان ٻارُ ٿِي هَلندَو هو.
٣. مَهاتِما گانڌِي فَقَطِ هِندوُ ڌَرمَ وارَنِ کي پِيارُ ڪندو هو.

بَدَڪَ، ٻَگهه، آڙيِ وَغيرَه پاڻِيءَ ۾ تَرَندڙ پَکي آهِنِ. هِنَنِ کي "جَلُ پَکي" بہ چَئِبو آهي. بَدَڪَ جا کَنَبَ سَڻِيا ٿيندا آهِن. هِنَ جي پيرَنِ جُوَن آڱرِيُون ڳَنڍِيَلَ ٿيَنِ ٿِيُون. جَنهِن ڪَري پاڻِيءَ ۾ سَولائِيءَ سان تَرِي سَگهَندِي آهي.

جُدا جُدا قِسمَنِ جي پَکِيَنِ جُوَن چُهنبُوُن بِہ جُدا جُدا نَمُونَنِ جُوَن ٿيندِيُون آهِن. ٻَگهه جي چُهنَبَ ڊِگهِي ٿيندِي آهي. بَدَڪَ جِي چُهنَبَ ويڪِرِي چِپِيَلَ ٿيندي آهي. طوطي جِي چُهنَبَ وَرِيلَ ٿِئي ٿِي.

پَکي قِسمين قِسمين آکيرا ناهِين ٿا. جهِرڪِي پَنهِنجو آکيرو گهَرَنِ جي ڇِتيُنِ ۽ ڇَنبِنِ ۾ ناهي ٿِي. ڪانءُ پَنهِنجو آکيرو وَڻَنِ ۾ ناهِيندو آهي. سَڀُ پَکِي آکيرو ناهڻَ لاءِ سُڪَلُ گاهُ، سُڪَلَ ڏانڊِيُون، ڪَپهه، ڌاڳا

ڪي پکي آسمان ۾ تمامُ گهڻو مٿي اُڏامي سگهندا آهِن. جهِرڪ ڪانءُ، جهِرڪي ڪبوتَرُ، طوطو، ڪوئِل، بازُ، سِرِڙ وَغيرَهَ.
طوطي جو رَنگُ سائو ٿيندو آهي. هِنَ جي ماديءَ کي مِٽنا چوندا آهِن. طوطي جي چُهنب ڳاڙهي ٿيندي آهي. ڪوئِل رَنگَ جي ڪاري آهي، پَرَ سَندَسِ آوازُ ڏاڍو مِٺو ٿيندو آهي.

مورُ، ڪُڪڙُ، شُتُرمُرغُ آسمانَ ۾ گهڻو مَٿي اُڏامي نَہ سگهندا آهِن. اُنهَنِ پکيُنِ جو وَزَنُ ڳَورو ٿِئَي ٿو. اُهي پکي زَمِينَ تي رَهندا آهِن. مورُ اَسان جو قومِي پکِي آهي. هِنَ جي ماديءَ کي ڍيل چِئِبو آهي. شُتُرمُرغُ

پکيءَ کي اُٺُ پکي بِہ چِئِبو آهي. هِنَ جا بيضا ناريل جيڏا ٿِيندا آهِن.



سَبَقُ تيرهون

گُلاب جو گُلُ

باغَنِ ۾ ڪيترا نَہ گُلَ هُوندا آهِنِ! ڪي ڳاڙها تہ ڪي پيلا، ڪي اَڇا تہ ڪي گُلابي.

سڀني گُلَنِ ۾ سُونهَن تہ هُوندي آهي، پَرَ سُرهاڻ سڀني ۾ نہ ٿيندي آهي. ڪِنِ ۾ وري تَمامُ ٿوري سُرهاڻ ٿيندي آهي. پَرَ گُلاب جي گُلَ جي ڪُهڙي ڳالهہ ڪجي!

گُلابَ جو گُلُ جهڙو آهي سُهڻو، تهڙو آهي سُڳنڌي. صُبوحَ جو سيرُ ڪَرڻَ لاءِ باغَ ۾

وَغيرَهَ کِمِ آڻيِن ٿا.

سَڀُ پکي آنا لاهيِندا آهِن. آنَن کي بيضا بِہِ چئبو آهي. بَدَکَ ۽ کُکڙِيُن جا بيضا ڪاڌي طورِ کِم اَچِن ٿا.

****************** اڀِياسُ ******************

سُوالُ ١- هيٺِيَن سُوالَن جا جَوابَ ڏِيو:

(الف) آسِمانَ ۾ تَمامُ مَٿي اُڏامندڙَ پکي ڪهڙا آهِن؟

(ب) آسِمانَ ۾ ٿورو مَٿي اُڏامندڙَ پکِيُن جا نالا ٻُڌايو؟

(ث) پاڻي ۾ تَرندڙَ پکي ڪهڙا آهِن؟

(ت) پکي پَنهِنجو آکيرو ڪاهِڙَ لاءِ ڪِهڙِيُن شيُن کِمَ آڻِين ٿا.

سُوالُ ٢. هيٺِيَن ۾ خالَ پَريو:

١. طوطي جي مادي کي............چئبو آهي.

٢. شُتُرمُرغَ جا بيضا............جيڏا ٿيِندا آهن

٣. پکيءَ جي سَڄي بَدَنَ تي............ٿيَن ٿا.

٤. .... ۽ .... جا بيضا ڪاڌي طورِ کِم ايندا آهِن.

گُلابَ جي گُلَ سان گَڏُ ڪانڊيرا ۾ ڪنڊا
بِہ ٿيندا آهِنِ. اُهي ٻُڌائِينِ ٿا ته خُوشيءَ سان
گَڏُ غَمُ بِہ ايندا آهِنِ. سُکَنِ سان گَڏُ ڏُکَ بِہ
هوندا آهِنِ. اَسان کي کپي ته سُکَنِ سان
گَڏُ ڪي ڏُکَ بہ اَچِنِ ته گهٻرائجي نہ وَڃُون
ڏُکَنِ ۽ سُکَنِ جي گَڏِيلَ حالَتُنِ ۾ پاڻَ کي
هموار رکي جِئجي. اَسِين ٻارڪَ بِہ شالَ گُلابَ جي
گُلَ وانگُرُ پَنهِنجي سُونهَن ۽ سُرهاڻِ
ڦهلائِيندا رهُون.

آڀياسُ

سُوالُ ١- هيٺيَنِ سُوالَنِ جا جَوابَ ڏِيو:

(الف) گُلَ ڪهڙَنِ رَنگَنِ جا ٿِيَنِ ٿا ؟

(ب) گُلابَ جي گُلَنِ مان پاڻِي ڪَڍِي ڇا ٺاهِيندا آهِنِ ؟

(ت) چاچا نِهرو گُلابَ جو گُلُ ڪِٿي لڳائيندو هو ؟

سوال ٢. - هيٺيان لَفظُ جُملَنِ ۾ ڪَم آڻيو:

سُرهاڻِ - عَرقُ - فَرحَت - غَمُ

وَڃبو ته پري کان ئي گلابي گُل جي سِرھاڻ ۽ سُونھَن پسڻ سان دِل کي ڇڪيندي.

ھونئَن ته ٻين گُلن جي مالھا به ڀڳوان جي مُورتيءَ کي پائيندا آھيون، پر جنھن مالھا ۾ فقط گُلاب جا گُل ھُجن ته اُھا مالھا سڀني مالھائن ۾ سُندر ۽ سُھڻي پسڻ لڳندي.

گُلاب جي گُلن مان پاڻي ڪڍي عرق ٺاھبو آھي. اُھو عرقُ پيئڻ سان دِل کي فرحت ايندي آھي. گُلاب جون پنکڙيون کائڻ سان يادگيري وڌندي آھي.

ٻارن جي چاچا نھروءَ جو نالو ته اسان سڀني ٻُڌو آھي. اُھو چاچا نھرو سدائين ھڪڙو گُلاب جو گُل پنھنجي ڪوٽ يا صدريءَ تي لڳائي رکندو ھو. گُلاب جي گُل جو شان ھو چاچا نھرو ۽ چاچا جي پوشاڪ جو شان ھو گُلاب جو گُل.



چانڊوڪيءِ ۾ جَڏهِن اَچو ٿا
لِڪِي وَڃِي ڪي ڪَٽا ٻَچو ٿا
ڏِني اَوَهان کي اُوندَهِ ڏاتِ
ٽِمَڪِ ٽِمَڪِ تارِيلِي راتِ.

سَبَقُ چوڏِهون

تارَنِ ڀَرِي راتِ

اَڪِ ٻُوٽي اَڪِ ڪولي تارا
ڏِينِ ٿا هِڪُ ٻِئَي ڏانهَن اِشارا
ڪَنِ ڀِيا پُرِ ڀُرِ ۾ ڪا باتِ
تِمَڪِ تِمَڪِ تاربِلِي راتِ.

راتِ آنـذارِي چادَرَ ڪارِي
تَنهِنِ تي چَمَڪَ سَتارَنِ وارِي
لِهَرُ لـَڳائي تِي ڪِبا باتِ
تِمَڪِ تِمَڪِ تاربِلِي راتِ.

تارَنِ ۾ چَمِڪاتُ وَسي تو
اُونداهِيءَ ۾ واٽَ ڏَسي تو
ڀِرَهَ ڪُٿِي جبسبِن ڀِرِياتِ
تِمَڪِ تِمَڪِ تاربِلِي راتِ.

لغڙ

اَسان جو ڀارتُ خاص طور گجرات رنگبرنگي لَغَڙن جو گهر آهي. هِتي هر سال لکين رُپين جا لغڙ، مَڪر سنڪرات يعني اُتراڻ جي ڏينهن صاف آسمان ۾ ننڍا وڏا، ٻار ٻڍا، اِستريون ۽ پُرش اُڏائيندا آهن.

چيو وڃي ٿو ته هن لغڙ جي ايجاد پهريائين چين جي هڪ سيناپتي "هان سن" عيسوي سنه کان ٢٠٦ ورهيه اڳ ڪئي هئي.


هي لغڙ اُتسو نه صرف ڀارت ۽ چين ۾ پر جپان، ڪوريا، ملايا ۾ پڻ وڏي پيماني تي ملهايو ويندو آهي. جپان ۾ اهو هر سال ٥ مئي تي ٻال اُتسو جي روپ ۾ ملهايو ويندو آهي. اِن کان سواءِ دنيا جا ٻيا ملڪ آهن اِنگلنڊ، اِسڪاٽلنڊ، اَمريڪا جتي پڻ

سُورَجُ هُرُپُ کَري تہ سارا
ڏينهَن ڏِٺي کِينئَن نِڪِرَنِ تارا
آهِ تَڏِهن تارَنِ جي راتِ
تِمَڪِ تِمَڪِ تاريِلِي راتِ.

****************** اِپياسُ ******************

سُوالُ ١- هيٺِيَنِ سُوالَنِ جا تَوري ۾ جَوابَ ڏِيو:
(الف) تارا ڪهڙي وقت ڏانهَن اِشارا ڪِينئَن ٿا ڪَنِ ؟
(ب) اوندهہ ۾ راتِ ۾ واٽَ ڪِينئَن ڏِسبي آهي ؟
(ث) چانڊوڪِيءَ ۾ ڇا ڏِسِندو آهي ؟
سُوالُ ٢. بيتَ جُون سِٽُون پُورِيُون ڪري لِکو.
تارَنِ ۾ چَمِڪاٽُ وَسي تہ .... تِمَڪِ تاريلِي راتِ.
سُوالُ ٣- هيٺِيان لَفظَ جُمِلَنِ ۾ ڪَمِ آڻيو.
١. پِرَهَ ڦُٽَڻِي ٢. سُورَجُ ٣. باتِ

* * *





نَمُونَنِ جا نِماءِ بِہ ٹبنِدا رَهندا آهِن.

~

******************* اِيِباسُ *******************

سُوالُ ١- هيٺيَنِ سُوالَنِ جا ٺوري ۾ جواب ڏيو:
(الف) پارَتَ ۾ کَهڙو راڄ لَغَڙَنَ جو گهرُ آهي ؟
(ب) لَغَڙ جي ايجاد ڪنهن ڪئي ؟
(ث) جپانَ ۾ لَغَڙَنَ جو اُتسَوُ ڪَڏهَن مَلهايو ويندو آهي ؟
(د) لَغَڙَ کِهڙَنِ کِهڙَنِ نَمُونَنِ جا هُوندا آهِن ؟
سُوالُ ٢- هيٺيَنِ لَفظَنِ جا اُبتڙ معنيٰ وارا لَفظَ ڏيو:
١. خاصِ ٢. وڏو ٣. مٺي ٤. اَلڳِ
سُوالُ ٣- لَغَڙَ ناهِڻَ ۾ ڪِهڙيون شيون ڪم اينديون آهِن ؟ لِسٽ تيارُ ڪريو.





لغڙ اڏايا ويندا آهن.

جدا جدا ملڪن ۾ لغڙن جا نمونا ۽ رنگ-
روپ الڳ الڳ هوندا آهن. اهي چوڪنڊا،
پنجڪنڊا، ڇهڪنڊا، نانگ ۽ مڇيءَ جي
شڪلين جهڙا هوندا آهن.

سال ١٩٨٠ ۾ جپان جي "هڪ پتنگباز"
پنهنجي لغڙ جي هڪ ئي ڏور ۾ اٺن اٺن
فوٽن جي مفاصلي تي ٻيا ٢٥٠ لغڙ ٻڌي
آسمان ۾ اڏائي دنيا ۾ رڪارڊ قائم ڪيو.

اڪثر اهڙيون چٽاپيٽيون ۽ لغڙن جي



سَبَقُ سورهون

ماڪَ جي ڦُڙَنِ جو مُنڪُ

گهڻو وَقتُ اڳِ، چينَ مُلڪَ ۾ هِڪُ راجا راڄُ ڪَندو هو. راجا کي هِڪ سِڪيلَڌي راجڪُمارِي هُئي. هوءُ راجڪُمارِيءَ کي ڏاڍو پيارُ ڪَندو هو. هوءَ جيڪو ڪُجهُ بِه گهُرَندِي هُئِي اُها چِيزُ ڪيِسِ مِلنَدِي هُئِي. راجڪُمارِيءَ وَٽِ گهڻَنِ ئِي قِسمَنِ جا رانديڪا هُئا. هِنَ وَٽِ طَرَحين طَرَحين هِيرَنِ ۽ جَواهِرَنِ جا زيوَرَ بِه هُئا.

هِڪَ ڏِينهُن صُبوُحَ جو سَويلَ راجڪُمارِي شاهِي باغَ ۾ سيرُ ڪَري رَهِي هُئي. اُتي هِنَ گُلَنِ تي ماڪَ جا چِمڪَندَڙَ ڦُڙا ڏِٺا. اُهي ماڪ جا قَطرا هِن کي ڏاڍو وَڻِي وِيا. هوءَ ڀڄَندِي پَنهِنجي پيءُ وَٽِ آئِي. راجا کي باغَ ۾ وَٺِي

راجڪماريءَ واسطي مُنڊڪُ ناهڻ لاءِ حُڪمُ ڪيو
پرَ ڪنهن بہ ماڪَ جي ڦڙَنِ مان مُنڊڪ ناهڻَ
لاءِ ها ڪونہ ڪَئي.

اِهو ٻُڌي راجا وَڏيڪ غصي ۾ اَچي وِيو
۽ سڀني جَواهِرِين کي ڪَٽي قيدَ ۾ بَند ڪيائين.

اِها ڳالهہ هِڪ مهاتما ٻُڌي. هوُ راجا وَٽِ
آيو. راجا کي چيائين، "راجَنِ آءٌ ماڪَ جي
ڦڙَنِ مانِ مُنڊڪُ ناهي سگهندُسِ".

اِهو ٻُڌي راجا ۽ راجڪماري ڏاڍو پرسَنِ
ٿيا. راجا مَهاتما کي چيو، "اِهڙو مُنڊڪ ناهي
ڏيو تہ جيڪي گهُرندا اُهو اَوهان کي مِلندو!"

مَهاتما چيو، "مُنهِنجا بہ شرطَ قبول
ڪريو". راجا چيو، "اَوهان جا ٻَئي شرطَ هاڻي
ئي قبوُلُ ڪيا ويندا"

مَهاتما چيو، "مَهاراجا مُنهِنجو پهريون

ويئي. راجا کي ڦرا ڏيکاريندي راجڪماريءَ چيو، ”مونکي هنن ڦرن جو مٺڪ نهرائي ڏيو“. اينرو ٻڌندي راجا هڪدم هڪ جواهريءَ کي راج دربار ۾ گهرايو ۽ چيائينس، ”هن ڏينهن اندر منهنجي راجڪماريءَ واسطي هنن ماڪ جي قطرن سان مرڪبل هڪ سونو مٺڪ ٺاهي آڻي ڏي“.

اهو ٻڌي جواهري سوچ ويچار ۾ پئجي ويو. همت ڪري راجا کي چيائين، ”مهاراج هنن ماڪ جي ڦرن مان مٺڪ مور نهي ڪين سگهندو“. راجا اهو سڀ ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو. ڏاڍو ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ جواهريءَ کي ڪٺي جيل ۾ وڌائين.

راجا پوءِ ٻين جواهرين کي به راج محل ۾ سڏايو. انهن سڀني کي ماڪ جي ڦڙن مان

آٽي ڏيو"! اِهو ٻُڌِي راجا ۽ راجڪُمارِي چُپ ٿي وِيا ۽ هِڪَ ٻِئي جو مُنهن ڏِسڻَ لڳا.

راجا سَمجهِي وِيو ۽ مهاتِما کی هٿ جوڙِيائِين. پوءِ مَهاتِما ۽ سَڀ جَواهِري کِلندا خُوش ٿيندا مَحلاتَ کان ٻاهِر هَلِيا وِيا.

**************** اَڀياسُ ****************

سُوالُ ١- هيٺيَن سُوالَن جا ٿوري ۾ جَوابَ ڏِيو:

(الف) راجڪُمارِيءَ باغَ ۾ سبزُ ڪَندي ڇا ڏٺو؟

(ب) راجا جَواهِريءَ کي ڇا چَيو؟

(ت) مهاتِما راجا کي ڇا اَچي چَيو؟

سُوالُ ٢- هيٺيان گُفتا ڪَنهِن چَيا آهِن؟

١. "مُونکي هِنَن ٻَن قُرِّنَ مان مُتڪُ نهرائِي ڏِيو."

٢. "مَهاراج، هِنَن ماڪَ جي قُرِّنِ مان مُتڪُ مورِ نهِي ڪِينَ سَگهَندو."

٣. "راجِن، آءٌ ماڪَ جي قُرِّنِ مان مُتڪُ ٺاهي سَگهَندُسِ."

سُوالُ ٣- هيٺِ ڏِنلَ لَفظَنِ مان ساڳيءَ معنيٰ وارَن لَفظَنِ جا جوڙا ٺاهِيو:

(الف) چِيزَ- طرِحين طرحين - قَطِرا - غصو - پرَسَن.

(ب) ڦُڙا - ڪاوڙ - قِسمين قِسمين - راضِي - شَيءِ.

* * *



شَرطُ آهي تہ سِيني قيدِ ٿيَلَ جواهِريُنِ کي
آزادِ ڪَيو وڃي”.

راجا هِڪدمُ سِيني جَواهِريُنِ کي جيلَ
مان آجو ڪَيو. جَڏَهِن سَڀُ جَواهِري دَرِبارِ ۾
اَچي پَهُتا، تَڏَهِن مَهاتِما چَيو ”راجَنِ مُنهِنجو
ٻيو شَرطُ آهي تہ جيترَنِ ماڪَ جي ڦُڙَنِ مان
مُنُڪُ ٺَهرائِڊو اَتوَ اوتِرا ماڪَ جا ڦُڙا مُونکي



وَڻَ ڌَرِتيءَ جا گُهڻا آهِنِ
ٿَـرَ بَـرَ کي سِينگارِنِ ٿاهِنِ
قُدِرَتَ جي آ هيءَ پِياري نَعِمَتَ
پاڻِي جهولِ جَهلِبِندا سِبِن ...

وَڻَ جي لَڳَندا وَرِشا ٿِيندِي
ڌَرِتِي ڦُلَندِي اَنُ ڌَنُ ڏِيندِي
پَوَندا مالَ مَڇِي گاهَنِ تي
پَرِ جي پاڳِيا ٿِيندا سِبِن....



سَبَقُ سَترِهون

وَڻَ پوکِيون

گهر گهر وَڻَ پوکينداسين
اسين دَر دَر وَڻَ پوکينداسين
ٻاهر وَڻَ پوکينداسين
اسين اندر وَڻَ پوکينداسين...

سَبَقُ اِرِڙهون

موڪَل جو ڏينهُن سَجايو ڪَرَڻُ

آرِتوار يا ٻِين وَڏَن ڏِينهَن تي اِسڪُولَن مان موڪَلَ مِلندَي آهي. ڪيتِرا ٻارَ موڪَلَ جو ڏِينهُن اَجايو وِڃائيندا آهِن. هو دير سان اُٿندا آهِن، سُستيءَ ۾ يا هيڏانهن هوڏانهن رُلَڻَ ۾ وَقتُ وِڃائيندا آهِن.

رَچنا موڪَلَ واري ڏِينهُن تي بِه صُبُوحَ جو نيمَ سان سَويلَ اُٿندي هُئَي. اُٿَڻَ بعدِ پَهرِيائين پَهرِيائين پَنهِنجيُ ڏاڏيءَ کي وَڃِي نَمَستي ڪَندِي هُئَي اُنَ کانپوءِ هَٿُ مُنهُن ڌوئِي ڪِيرُ پيئَندِي هُئَي.


رَچنا جو ڏاڏو، پَنهِنجي پوٽِيءَ کي وَٺِي باغَ ۾ ويندو هو. باغَ ۾ هوءِ پيئِنگهَ تي لُڏَندِي هُئَي. گِسڪَڻِ تان گِسڪَندِي هُئَي. اِهڙِيءَ

وَڻَ ٽِڻَ ديشَ جِي دؤلتَ آهن
طاقتَ مُلڪَ کي ڏا پَهُچائِنِ
هي اِسراري ڳُجھُ ڳولهي اَسين
خاڪَ مان سونُ وٺندا اسِين...

وَڻَ سڀجَهِ ۾ ڏا وَسَنءَ لڳائِنِ
آئي وِئي کي سُکهُ پَهُچائِنِ
اِهڙَنِ سَدَ اُپڪارِيُنِ جا اَسين
شڪرگذاري ٿيندا اسِين....

********************* اِڀياسُ ********************

سُوالُ ١- هيٺيَنِ سُوالنِ جا ٺوري ۾ جَوابَ ڏِيو:
(الف) وَڻَ ڌَرتيءَ جا ڳَهِڻا ڪِيئَن آهِنِ ؟
(ب) وَرِشا اچڻَ سان ڇا ٿيندو آهي ؟
سُوالُ ٢- هيٺيان جوڙا مِلايو:
(الف) وَڻَ جي لَڳَندا – وَڻَ ٽِڻَ ديشَ جِي – ڌَرِتي قلندي
(ب) دوَلتَ آهِنِ – اَنُ ڌَنُ ڏيندي – وَرِشا ايندي.
سُوالُ ٣- هيٺيَنِ جا ساڳِيءَ معنيٰ وارا لَفظُ لِکو:
١. ڳَهِڻا ٢. خاڪَ ٣. وَرِشا ٤. اُپڪارُ
* * *



هوشيار هُئي گڏو گڏ ڪپڙيون پيون ڳالهيون به سِڪنديون هُيون.

هرهڪ بار کي رچنا وانگر موڪل جو ڏينهن سجايو ڪرڻ گھرجي.

******************* اَڀياسُ *******************

سُوالُ ١- هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب ڏيو:

(الف) بار موڪل جو ڏينهن ڪيئن گذاريندا آهن؟

(ب) رچنا جو ڏاڏو ڪيئن ڪپڙا ڌوئي ويندو هو؟

(ث) رچنا منجهند جي ماني ڪائي ڇا ڪندي هُئي؟

(د) رچنا جي صحت سُٺي ڇو هُئي؟

سُوالُ ٢- هيٺين لفظن جا اُبتي معنيٰ وارا لفظ (ضد) ڏيو:

١. اجايو ٢. دير ٣. سستي ٤. خاص ٥. پڙهڻ ٦. سُٺي

سُوالُ ٣- هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:

پينگهو – چيڙ – هوشيارُ – وانگر.

طَرَحَ هوءِ ٻِيوُن رانڌِيوُن پِڻ ڪَندِي هُئِي. اُنَ بَعدِ، باغَ ۾ سائِي چَٻَرَ تي پيرين اُگهاڙي ٻِين ٻارَنِ سان ڊُڪَ ڊوڙَ ۽ ٻِيوُن رانڌِيوُن ڪَندِي هُئِي گهرِ واپَسِ اَچَڻَ کان پوءِ، ڪُجهه ڪائِي اِسڪوُلَ جا ڪَمَ ڪَندِي هُئِي. رَچِنا جا ماءُ پيءُ، ڏاڏو ۽ ٻيا وڏا ٽِي. وِي. ڏِسندا هُئا اُنَ وَقتِ رَچِنا آکاڻِيُنِ جو ڪِتابُ پَڙهَندِي هُئِي. ٽِي. وِي. تي فَقَطِ ٻارَنِ لاءِ خاصِ پروگرامُ ڏِسندِي هُئِي.

رَچِنا مَنجهندِ جي مانيءَ لاءِ ماءُ کي ڪَمَ ۾ مَدَدَ ڪَندِي هُئِي. مانيءَ کانپوءِ ڪُجهه وَقتُ آرامُ ڪَري ڪُجهه هَٿَ جو ڪَمُ سِکَندِي هُئِي. اِهڙِيءَ طَرَحَ موڪَلَ جو ڏِينهُن آرامَ ۽ وِندُرَ ۾ گُذاريِندِي هُئِي. روزانو رانڌِيوُن ڪَرَڻَ ڪري سَندَسِ صِحَتَ بِه سُٺي هُئِي. هوءَ پَڙهَڻَ ۾ پِڻ



سَڀَ سان مِٺڙو ٻولي ٿِي
رازَ اَندَرَ جا کولي ٿِي

آهي سَڀِنِ ۾ هِيءَ سِياڻِي
مُنهِنجِي نانِي، گهَرَ جِي راڻِي

پورِهِيو گهَرَ جو خُوبُ ڪَري ٿِي
ڏُکَ سَڀَئِي ڪِلِي سَهي ٿِي

ڪَڏَهِن رَهي نَہَ هِيءَ ويڳاڻِي
مُنهِنجِي نانِي، گهَرَ جِي راڻِي



سَبَقُ اُڻويهون

مُنهِنجِي نانِي

مُنهِنجِي نانِي، گهرَ جِي راڻِي
روزُ ٻُڌائِي ڪَهاڻِي، ڪَهاڻِي

صُبُوحَ سَويرو اُٿندِي آهي
نانءُ ڏاڍِيءَ جو وٺندِي آهي

آهي سَباجهِي هِيءَ نِماڻِي
مُنهِنجِي نانِي، گهرَ جِي راڻِي



سَبَقُ ويهون

هاٿِي ۽ ڪِئُلِي

هِيءَ پُراڻي زَماني جِي ڳالِهه آهي. هِڪَ ڏِينهُن هِڪَ هاٿِيءَ جو پيرُ هِڪَ ڪِئُلي مَٿان اَچِي وِيو. ڀَڳوانَ جِي قُدرَت، ڪِئُلي هِڪَ تَمامُ ننَڍِڙِي کَڏِڙِي ۾ هُجَڻَ ڪَري بَچِي وِيئِي. ڪِئُلي هاٿِيءَ کي رَڙِ ڦاڙِي چَيو، ”مُئا مارِيا! هيڏو سارو ٿيو آهِين. ڏِسِي نَٿو هَلِين؟ جيڪَڏهِن مان مَرِي پوان ها تَه

هَرِ ڪو ڳِھنَ کي چاھي ٿو
سُکُ اَندرَ جو پائي ٿو

ماکيءَ جھڙِي ڳِھنَ جي واٽِي.
مُنھِنجِي نانِي، گھرَ جِي راڻِي

اڀياسُ

(الف) نانءُ – ڪھاڻِي – سڀاجھِي – ويڳاڻِي.
(ب) دياوانُ – مايُوسُ – آڪاڻِي – نالو.
سُوالُ ٣- ھيٺيَن ۾ برابر لاءِ ھا ۽ غَلَطِ لاءِ نہ لِکو:
سُوالُ ١- ھيٺيَن سُوالَن جا ٿوري ۾ جَوابَ ڏِيو:
(الف) گھرَ جي راڻِي ڪيرُ آھي ؟
(ب) نانِي صُبُوحَ جو اُٿِي ڇا ڪَندِي آھي؟
(ث) نانيءَ جي واٽِي ڪھڙِي آھي ؟
سُوالُ ٢- ھيٺيَن لَفظَن مان ساڳيءَ معنيٰ وارَن لَفظَن جا جوڙا مِلايو:

١. نانِي ھَنِيلِي ۽ جوشِيلِي آھي.
٢. نانِي گھرَ جو پورِھيو خوبُ ڪندِي آھي.
٣. مُنھِنجِي نانِي روزُ ڳِجھَنَ ٻُڌائِيندِي آھي.

* * *



اَڳِتي سَنڀالي ڪَلِجانءِ. هِنَ دفعي توکي
چَڏي ڏِي ڏِيانءِ."

وَڏا ڳالهِه ڪَندا آهِنِ تہ اُنَ ڏينهَن کان
هاٿِيءَ کي ڪِتُليءَ کان اِيتِرو تہ خَوفُ ٿيندو
آهي جو ڏينهَن راتِ پِيو پَنهِنجا ڪَنَ وِڄِڙي
جِيان هيڏي هوڏي لوڏِيندو آهي. ڪِٿِس ڪِيوءَ

مُنهنجي پيارَنِ ٻَچڻِ کي ڪيرُ پالي -
سَنڀالي ها؟"

هاٿيءَ گاوڙجي ڪيس ڇيو، "آهين
تہ ٽِرَ جيترِي ءَ ڪَلِي آهين مونکي سڀڪارَڻ."
اِئين چئي هاٿيءَ پنهنجي سونڍِ سان
ڪِڙِلي کي هِڪَ اَهڙِي تہ ٺوڪَ ڏِني جو
ڪِڙِلي ويچاري هَوا ۾ اُڏامَندِي هاٿيءَ جي
ڪَنَ ۾ پُهچِي وِئي. ڪِڙِليءَ هاٿيءَ جي
ڪَنَ ۾ چڪُ پاتو. هيڏو سارو هاٿي دَرِدَ
وِچان ٽِپا ڏِيڻُ لَڳو، هيٺِ لِيٽِڙِيُون
پائِڻُ لڳو.

ڪِڙِلي هاٿيءَ جي ڪَنَ مان ٻاهِرِ نِڪِري
آئِي. هاٿيءَ کي ڏَمڪِي ڏيندي چيائين،
"ڏِٺئہ تَماشو! مون ٽِرَ جيترِيءَ تو جهڙِي
پَرِبَتَ کي ڪِيئَن لِٽائي ڇڏِيو. خَبردار!



سَبَقُ ايڪِيهون

سَڀُ ڪَمُ وَقتَ تي ڪَريو

ڪَمَ جي وَقتِ ڌِيانُ ڪَمَ ۾ ڏِيو
رانِدِ جي وَقتِ رانِدِ رُونِدِ ڪَريو

اِنَ طَرَحَ سان جو ڪَندو پِيو ڪَمُ
خُوشِ گُذاريندو سو هَرِدَمُ

ڪَمُ ڪِرِٽو هُجي نَہ سَمُورو ڪَجي
مُورِ اُڌَ ۾ ڇُڏي نَہ اُنَ کي ڏِجي

رَهندو آهي نہ مَنان وَرِي نہ ڪِتَلِي کَنُ
۾ پَئَجِي وَجي.
ڪَنهِن کي بہ وَڏائِي نہ کَرَڻُ گُهرِجي.

~~~~


***************** اِپياسُ *****************

سُوالُ ١- هيٺِيَنِ سُوالَن جا تُوري ۾ جَوابَ لِکو:
(الف) هاٿِيءَ جو پيرُ ڪَنهِن جي مَٿان اَچِي رِيو؟
(ب) رَڙِ ڪَري ڪِتَلي هاٿِيءَ کي چا چَيو؟
(ب) هاٿيءَ ڪاوِڙِجي ڪِتَلِيءَ کي چا چَيو؟
(پ) هاٿِي رِتپا چو ڏِيَڻُ لَڳو؟
(ڀ) هاٿِي پَنهِنجا وَڇِٽي وانگُرُ کَنَ هيڏي هوڏي
چو لوڏيندِو آهي؟

سُوالُ ٢- هيٺِيَنِ لَفِظَن جي معنيٰ لِکو:
١. رِتَرَ جبتِرِي ٢. خوَفُ ٣. دَرِدُ ٤. پَرِبَتُ ٥. تَماشو.

سُوالُ ٣- هيٺِيَنِ ۾ خالَ پَرِيو:
١. .... تِبو آهِين، ڏِسِي نَتو هَلِين.

٢. مون .... تو جَهِڙي پَرِبَتَ کي ڪِتِين لبتائي
چَڏِيو. ٣. ڪَنهِن کي بہ .... نہ کَرَڻُ گُهرِجي.
~~~~



سَبَقُ ٻاوِيھون

اسان جا موتي

سُنَدرُ : پِريمَ تُنھِنجي وات مان بانسَ پيئِي اَچي ؟

پريمُ : پَرَ مان تہَ روزُ واتُ صافُ ڪندو آھِيان.

سُنَدرُ : ڪَندو ھُوندين، پَرَ نہَ جَھِڙو. جَلدِي جَلدِي بُرِشُ ھَڻِي يا ڏنـدَڻُ چَباڙي، مَٿان گُرِڙِيُون ڪَبُون ھُوندءِ.

جو اَڏو ڳاڀرو ڪندو ٻيو ڪمُ
پڇنائبندو سو هَرِدَمِ

وَقتَ هِڪَ ۾ ڪَمُ هِڪڙو ڪرِيو
خيالُ دِلِ جو سمورو تنهن ۾ ڏرِيو

سانگو ناهي جي ٽبندو تورو گٽي
نَہ ته ٻِہ ٻلائي، تنهن ۾ ٽبندي گوٽِي

وَقتُ جَڏهن بہ ڪَبو اجايو جنهن
نيبٽ ڇپهو وَڏو پرايو تنهن

**************** اپياسُ ****************

سُوالُ ١- هيٺين سُوالَن جا توري ۾ جَوابَ ڏيو:
(الف) ڪمُ ڪرِڻو هُجي تہ ڪيئن ڪجي؟
(ب) اجايو وَقتُ وِڃائڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟
سُوالُ ٢- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:
١. اَڏو ڳاڀرو ٢. سانگو ٣. ڇپهو ٤. سمورو.
سُوالُ ٣- بيتُ يادِ ڪَرِيو ۽ سُرَ ۾ اِشارَنِ سان ڳايو.

سُندرُ: اُهي ڪمزورُ ڏندَ هُوندا آهِن. گهٽُو مِٺاڻ، گرمُ ۽ ٿڌِيُون شيون ڏندَنِ کي هيٺُو بڻائِين ٿيون.

پريمُ: ٺيڪُ آهي. مان اَڄُ کان اِنهنِ ڳالهِيُنِ تي ڌيانُ ڏيندُسِ. موٽي ۽ جهڙُنِ ڏندَنَ جي سُٺي سنڀالَ ڪندُسِ.

***************** اَڀياسُ *****************

سُوالُ ١- هيٺيُن سُوالَنِ جا ٿوري ۾ جواب ڏيو:

(الف) ڏندَ صافُ نَه ڪرڻَ ڪري ڇا ٿيندو آهي ؟

(ب) ڪهڙِيُون شيُون وَڌيڪ کائِڻَ سانَ ڏندَ هيٺا ٿِيَن ٿا ؟

سُوالُ ٢- هيٺيان خالَ ڀَرِيو:

١. .... آهِن اَسان جا موتي.

٢. ڪاڏي کائِڻَ وَقتِ ننڍڙا .... ڏندَنِ ۾ رهجِي ويندا آهِن.

سُوالُ ٣- هيٺ ڏِنَلَ اُکرَنِ مان لَفظَ تيارُ ڪريو.

١. ڪ - و - ر - ل - ا - ا ٢. ا - خ - ص

پريمُ: نَہ نَہ، ٻيو ڇا ڪَريان؟ ڪَلاڪُ ويهِي
واتُ صافُ ڪَندُسِ ڇا؟

سُندَرُ: دوسِتَ! ڏَندَ آهِنِ اَسان جا موتِي.
اَسان جي سرِيرَ جا رَکوالا. ڏَنَدَنِ جي
صَفائِي ۽ سُنائِيءَ سان صِحَت سالِمِ
رَهي ٿي. ڏَنـدَ صافُ نہ ڪَبا تہ
بيماري ويڙهي ويندِي.

پريمُ: سو وَرِي ڪيئَن؟

سُندَرُ: کاڌي کائِڻَ وَقِتِ، نَنڍِڙا ذَرِڙا ڏَندَنِ
۾ رَهجِي ويندا آهِنِ. گُرِڙِيوُن ڪَرَڻَ
سان اُهي ٻاهِرِ نِڪِرَنِ ٿا. ڏَندَڻُ ۽
بُرِشَ ڪَرَڻَ سان ڏَنـدَ وَڌِيڪَ صاف
ٿِيَنِ ٿا. موتِيَنِ وانگُرُ چِمِڪَنِ ٿا.

پريمُ: ڪيتِرَنِ ٻارَنِ جا ڏَنـدَ ڀَڄِي پَوَندا
آهِنِ، ڇو؟

جو نہ اَجايو وَقِتُ وِڃائي
اُوچو دَرِجو سوئِي پائي
تون بہ وَقتَ جو قَدُرُ سُڃاڻِ
وَقتُ وَڃي مُلهہ وارو ڄاڻِ
رَهُ اِنَ زيِتِ سَدا خوشحالُ
ٿِنِ ٿَنِ بولي گهڙيالُ

اَڀياسُ

سُوالُ ١- هيٺيَن سُوالَنِ جا توري ۾ جواب ڏِيو:
(الف) هِڪَ مِنِٽَ ۾ ڪيترا سيڪنڊ ٿيندا آهِنِ؟
(ب) ڏينهن راتِ ۾ ڪُلُ ڪيترا ڪلاڪ ٿيندا آهِنِ؟
(ٿ) اوُچو دَرِجو ڪيرُ پائي ٿو؟
(د) عِلمَ بِنا جيوَنُ ڪِيئَن آهي؟
سوال ٢- هيٺيان خال ڀَريو:
١. ڏنَ دؤلتَ کان ...... مَهانگو.
٢. تون بہ وَقِتَ جو ...... سُڃاڻِ.
٣. ڏينهن تي سَوُ پَنجَهٺِ ...... سالُ
سُوالُ -٣ هيٺِيَن لِفظَن جي معنيٰ لِکو:
١. وائِي ٢. سَقَلُ ٣. اوُچو ٤. مُلهہُ

77 * * *

سَبَقُ ڇهويهون

گهَڙِيالُ

سُٺ سبڪندَ هِڪُ مِنٽُ ٻڌائِنِ
مِنٽَ سَٺِ مِلِي ڪَلاڪُ ٿاهِنِ

ڪَلاڪَ چوويهه، ڏينهُن ۽ راتِ
هِيءَ وائِي گهَڙِيالِي واتِ

ڏينهَن ٽي سَوُ پنجهَٺِ، هِڪُ سالُ
ٽَنِ ٽَنِ ٽَنِ بولي گهَڙِيالُ

پَلِ جي پي نوُن ويهُ. نَ واندو
ڏَنَ دوُلَتَ کان وَقِتُ مَهانگو
آهي قيمَتِي هَرِهِڪُ پَلُ
عِلِمُ سِکِي ڪَرِ عُمِرِ سڦَلُ

عِلِمُ بنان جيوَنُ جَنجالُ
ٽَنِ ٽَنِ ٽَنِ بولي گهَڙِيالُ



مَڇيوُن ڦاسائي هِڪُ پاڻيءَ سان ڀَرِيَلُ ٿانوُ ۽ رَکندو ڀِڄِي وِيو. گوتمُ ٻُڌُ ڏِٺو تہ نديءَ مان نِڪِرَڻُ مَهلَ مَڇيُن کي گهڻو ڪشٽُ رَسِي رَهِيو هو. ٿوري وَقتَ کان پوءِ مُهاڻي جاري مَڇيُن سان ڀَرِيَلَ ٿانوَ مَٿان وِڌِي.

گوتمَ ٻُڌُ اَڳيان وَڌِي مُهاڻي کان پُڇيو، ”تون اينرِيوُن مَڇيوُن ڇا لاءِ ٿو ڦاسائِين؟“



سَبَقُ چوويهون

گوتَمُ ٻُڌُ ۽ مُهاڻو

گوتَمُ ٻُڌَ کي ننڍِيءَ عُمِرِ ۾ ئي مَحِلات
جا سُکَ ڪَنڊَنِ جِيان چُڀَڻَ لَڳا. هِنَ کي ٻاهِرِ
کُلِي هَوا ۾ گهُمَڻَ جو شَوُقُ هو.


هِڪَ دَفعي هُو راجائِي گهوڙي-گاڏِيءَ
مان لهِي، نَدِيءَ جي ڪِناري تي هَواخوريءَ
لاءِ گهُمِي رَهِيو هو تہ اَچانَڪِ سَندَسِ نَظَرَ
وَڃِي هِڪَ مَهاڻي مَٿان پيئِي. هُو جارَ ۾



مڇيُنِ جي جانِ پيو وٺِن! ڇا اِها ڳالهِه توکي خرابُ ڪانہ ٿي لڳي؟ جيڪڏهِن توکي ڪو ماري تہ ڪيترو نہ ڏکُ پهُچئي؟ تو ڪڏهِن اِهو ويچارُ ڪيو آهي؟"

مُهاتو چُپ چاپ ٻُڌندو رهيو. گوتمُ ٻُڌ هلِيو وِيو، تنهِن کان پوءِ بہ سندسِ لفظ مُهاتي جي ڪنن ۾ وَڄڻ لڳا. ڪجهہ وقت کان پوءِ اُها مڇي درياهَ ۾ ڦٽي ڪري هو پنهنجي گهر هليو ويو.

مُهاڻي راجِڪمارَ کي هَٿُ جوڙي چَيو،
"مهاراج مان هِي سَڀُ مَڇِيوُن بازارِ ۾ وِڪڻي
پَئسا ڪَمائِيندُسِ."
گوتَمَ ٻُڌَ پَنهِنجي آڱُرِ مان مُنڊِي لاهي
مُهاڻي کي ڏِني ۽ چيائِينس، "مان اِهي
سَڀُ مَڇِيوُن توکان خَرِيدِ ٿو ڪَريان."
مُهاڻو ڏاڍو خُوش ٿيو. چاڪاڻِ تَہ کيسِ
اُنهيءَ سُٺي رَقَمَ مِلِي وِيئي. کيسِ مارڪيٽ
ڏانهَن وَڃَڻَ جي تَڪليفَ ڪانہَ ٿِي.
گوتَمُ ٻُڌَ پوءِ مَڇِيُنِ سان ڀَريَلَ بَرتَنُ
نَدِيءَ ۾ اوُنڌو ڪَري خالِي ڪيو ۽ سَڀُ
مَڇِيوُن پاڻِيءَ ۾ تَرَڻُ لَڳيوُن. مُهاڻو اِهو
نِظارو ڏِسي عَجَبَ ۾ پَئجِي وِيو. پَرَ کيسِ
سمجهہ ۾ ڪجهہ ڪونہ آيو.
گوتَمُ ٻُڌَ کيسِ سَمِجهائِينِدي چَيو،
"توري ناڻي ڪَمائِڻُ لاءِ توُن اينرِيُن



سَبقُ ٻهٺيون

قُدِرَتَ جا نِظارا

ڏِسُ قُدِرَتَ جا نوُرُ نِظارا
جانِبَ جوڙيا، نِبارا - نِبارا
سوُنهن پَرِيا سي آهِنِ سارا
سَبَقُ اِنهَنِ مان سِکُ توُن پِيارا

سِجُ اُڀرِيو ٽِبو دوُرِ اَنڌارو
اُتُ سَسِنيءَ کان ڪَري ڪِنارو
سُهڻِي ويلَ صُبوحَ جي آئي
لَنوَنِ ٻَکي ٿا لاتِ اِهائي

****************** آيپاسُ ******************

سُوالُ ١- هيٺين سُوالن جا تُوري ۾ جَوابَ ڏيو:

(الف) گوتم ٻُڌَ کي ڪهڙ شونق هو ؟

(ب) مُهاٹو ندَيءَ جي ڪناري تي ڇا ڪَري رَهيو هو؟

(ٻ) گوتَمُ ٻُڌَ مُهاٹي کان ڇا پُڇيو؟

(پ) مُهاٹو خوش ڇو ٿيو؟

(ڀ) مُهاٹو عَجَبَ ۾ ڇو پئجي ويو؟

(ت) گوتَمُ ٻُڌَ مهاٹي کي ڪهڙي سَمجهاڻي ڏني؟

سُوالُ -٢ هيٺين ۾ ساڳيءَ معنيٰ وارا جوڙا مِلايو:

(الف) شونق ٢. ٿانوُ ٣. ناٹو ٤. ڪَشتَ ٥. مارڪيٽ.

(ب) بازارِ ٢. چاهُ ٣. تَڪليفَ ٤. ٻِرتَنُ. ٥. پئسو

سُوالُ -٣ هيٺين ۾ خالَ ڀَريو:

١. ندَيءَ جي ڪناري تي ...... لاءِ گهُمي رَهيو هو.

٢. گوتَمُ ٻُڌَ پَنهنجيءَ آڱرُ مان ...... لاهي مُهاٹي کي ڏِني.

٣. تُوري...... ڪَمائڻ لاءِ تُون ايترين مُصيبَتن جي جانِ پيو وٺين.



سَبَقُ ڇَويھون

اَسانجو قومِي جهَنڊو

هَرَ هِڪَ ديشَ کي پَنهنِجو پَنهنِجو جهَنڊو ٿيندو آهي. اَسانجي ديشَ جو بہ هِڪُ قومِي جهَنڊو آهي. اُهو ٽِنِ رَنگَنِ جو آهي. تَنهِنِ ڪَري اُنَ کي "ٽِرَنگو" چَئِبو آهي. پِرجاوادِي ڏينهُن ۽ آزادِي ڏينهَن جهِڙَنِ قومِي ڏِڻَنِ تي اُهو اَسِين ڦَڙڪائِيندا آهِيون.

گُلَ کَندَنِ نَي ٿا مُسڪائبِنِ
مُشڪِي سَڀَ کي سَبَقُ سُڻائِبنِ
گُلَنِ مَنجهان ڪو سَبَقُ پرايو
ڏُکَ کان ڇا لاءِ ٿا گهٻرايو
نَدِي ڇوي ٿِي وَڏندو هَلُ
گَندو ٿِبنِدو آهي ٻيِنَلُ جَلُ
ساگَرَ جو گَهِرو آنَرُ ٻلُ
هِڪَ هَندِ ٻيِنو آهي جَبَلُ

******************** اَڀِياسُ ********************

سُوالُ ١- هيٺِيَن سُوالَنِ جا ٿوري ۾ جَوابَ ڏِيو:
(الف) سِڄ اُڀَرَڻَ سان ڇا ٿِبنِدو آهي ؟
(ب) ڪَندَنِ ۾ ڪيرُ ٿا مُسڪِرائِين ؟
(ث) نَدِي اَسان کي ڇا ٿي سيکاري ؟

سُوالُ -٢ بيتَ جُون هيٺِيُون سِٽُون پوريون ڪريو:
ڏِسُ قُدِرَتَ جا نُورُ نِظارا .... سَبَقُ اِنهَنِ کان
سِکُ تُون پيارا .

سُوالُ ٣- هيٺِيان لَفظَ دُرِستَ ڪَرَي لِکو.
١. ڪُدِرَتَ ٢. نِجارا ٣. سَبَکُ ٤. صُبُوهُ.

رَنگَ خُوشِحالِيءَ جو سَنديشُ ڏِئي ٿو. اُهو اَسان کي ٻُڌائي ٿو تہ اَسان جو ديشُ سائو ۽ سَرسَبزُ ٿِئي. هِرکو ماڻهو سُکي هُجي. اَسِين پَنهِنجي ڌَرتيءَ تي وَڏيڪَ اَنُ پَيدا ڪَرِيُون. نَوان نَوان ڪارخانا کولِبوُن. اِهڙِيءَ طَرَحَ غَريبِيءَ کي دُورِ ڪَريُون ۽ مُلِڪَ ۾ آسُودِگي آڻِيُون.

وِچَ واري اَڇي پَٽيءَ ۾ هِڪُ چَڪَرُ بہ آهي، اِن کي اَشوڪُ چَڪَرُ چَئِبو آهي. ڀارَتَ جي آزادِي کان اَڳِ اِنهِي اَشوڪُ چَڪَرَ جي جَڳِهَ تي هِڪُ چَرخو رَکِيو وِيو هو. پَرَ پوءِ ٢٢ جولاءِ ١٩٤٧ تي اَشوڪُ چَڪَرُ رَکِيو وِيو.

وارائَسِيءَ ڀَرِسان سارِناٿَ ۾ راجا اَشوڪَ هِڪُ ٿَنڀو ٺَهرايو هو. اَسان جي قومِي جهَنڊِي جو چَڪَرُ اِنهِي اَشوڪُ ٿَنڀي مان کَنيو وِيو

سَرڪاري عِمارَتُنِ تي بہ اَوهان اِهو ڦَڙڪندو ڏِسو هوندو. ديشَ کان ٻاهِرِ اُهو ڀارَت جي ايلچِيِ خانَن تي لهرائِبو آهي.

اَسانجي قومِي جهنڊي جي شڪِل مُستَطيلِ آهي. اِن ۾ ٽِنِ رنگن جا پٽا آهِنِ. مَٿِيون پٽو ڪيسِري رنگ جو آهي. اُهو اَسان کي ويرتا، قُرباني ۽ تياڳَ جو سَنديشُ ڏِئي ٿو. سادُوءَ سَنياسِي بہ اِنهيءَ رنگ جا ڪَپڙا پهريندا آهِنِ. جهوني زَماني ۾ راجپوتَ جڏهِن جنگ جي ميدانَ تي ويندا هُئا تہ اُهي ڪيسِري رنگ جا ڪَپڙا پهريندا هُئا.

جهنڊي جي وچ ۾ اَڇو پٽو آهي. اُهو رنگ شانتِي ۽ پوتِرتا جو سَنديشُ ڏِئي ٿو. اُهو رنگ اسانکي ٻُڌائي ٿو تہ اسين پنهنجي رهڻي ڪرڻي ۾ سادگِي اَپنايون.

هيٺيون پٽو سائي رنگ جو آهي. سائو

سوالُ ١- هيٺين سوالن جا تورين ۾ جواب ڏيو:

(الف) اَسانجو قومي جهنڊو ڪيترن رنگن جو آهي؟

(ب) قومي جهنڊي وارو اَشوڪ چڪرُ ڪٿان ڪنيو ويو آهي؟

(ث) قومي جهنڊي لاءِ اسان جو ڪهڙو فرضُ آهي؟

سوالُ -٢ ڏنگين مان برابر لفظ چونڊي خالَ پريو:

١. اَسان جي قومي جهنڊي جي شڪل ... ... آهي.
(گولُ، ڦِڪُنڊي، مستطيل)

٢. جهنڊي جي وچ واري چڪر کي ... ... چڪرُ چئبو آهي. (سُدرشن، اَشوڪُ، ڌرم ويرُ)

٣. قومي جهنڊي جو ... ... رنگُ اسان کي ويرتا، قرباني ۽ تياڳ جو سنديشُ ڏئي ٿو.
(ڪيسري، اَڇو، سائو)

٤. واراڻسيءَ پرسان ... ... ۾ راجا اَشوڪ هڪُ ٿنڀو ٺهرايو هو. (هرڊوارُ، سارناٿ، پنڍرپور)

سُوالُ ٣- هيٺين لفظن مان ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ ٻولي جوڙا ناهيو.

(الف) قومي - عِمارَت - ويرتا - سَنديشُ.

(ب) جاءِ - بهادري - سنيهو - راشٽريه.

آهي. اُهو اَسان کي ڌرمَ جي راھَ تي هلڻ جي سِکيا ڏئي ٿو. ٽنهِن ڪري اُن کي ڌرمُ - چڪرُ بہ چئجي ٿو. اُنَ ۾ پورِيُون ٢٤ لِيڪُون آهِن.

اَشوڪُ چڪرُ سمانتا ۽ ترقيءَ جي نِشاني آهي. اُهو اَسان کي ٻڌائي ٿو تہ ديشُ اَڳتي وَڌي. اُهو ماڻهُن کي ٻڌائي ٿو تہ هو ڌرمَ ۽ فرضَ جي راهَ تي هلن. اَسان جو جهنڊو اَسان کي پيارو آهي. اَسان جو فرضُ آهي تہ اَسين قومِي جهنڊي کي گهڻو آدرُ ۽ عزتَ ڏيون.



پانتِ پانتِ جا ناچ نِبارا
چيبجوُن، راسِبوُن گُربا پِبارا

دُنِيا جا اَحِوالَ ٻُڌوُن ٿا
ٻَحِثَ ۾ پاشَنڻَ جامَ سُٽوُن ٿا

گهَرَ ويٺي ٿا گِيانُ پِرايوُن
گيانَ سان گَڏُ ٿا مَنُ وِندرايوُن

واليِبالُ ڪِرِڪيٽِ ڏِسوُن ٿا
گاوَسِڪَر ڪِپِتانُ پَسوُن ٿا

رامايڻُ جا رامُ ۾ سينا
مهاڀارَتَ جا وِير ۾ يوڌا

ٽي-وِي آهي ڄاڻُ ڪو مَندَرُ
ٺرَي پَوي دِرشَڪَ جو اَندَرُ



سَبَقُ سَٽاويهون

ٽِي - وِي

دادا ٽِي - وِي آندِي آهي
روزُ اسانکي ٽِي وِندرائي

گهرَ ويٺي ئِي فِلمَ ڏِسُون ٿا
نيتائُون ڪَلاڪارَ پَسُون ٿا

ڪَڏهِن گايَڪَ گيتَ ٿا ڳائِين
سازِندَڙَ ٿا سازَ وَڄائِين

عِلمَ جي مراد

هِڪَ ڏينهُن هِڪُ وڏو اِنسپيڪٽرُ اِسڪُولَ ۾ آيو. ٽئين دَرجي جي شاگِردَن سان ڳالھ ٻولھ ڪندي سُوالُ پُڇيائين. "اَوهان اِسڪُولَ ۾ عِلمُ ڇو ٿا پڙهو؟"

رامَ جوابُ ڏنو "سائين سُٺي نوڪِري حاصُلَ ڪَرَڻَ لاءِ." گوپالَ چيو "عِلمَ ۾ طاقت آهي، ان مَٿان رَعبُ ڄمائِڻَ لاءِ مان عِلمُ حاصُلُ ڪَرِيان ٿو."

شِيامَ جو جَوابُ هو "مُنهِنجا مائِٽَ مُونکي اِسڪُولِ موڪِلِين ٿا تہ جيئَن مان لِکَڻَ پَڙهَڻَ سِکِي هُوشيارُ ٿيان." راجَنَ چيو "مان اِنهيءَ لاءِ ٿو عِلمُ پرايان تہ جيئَن حِسابَ ڪِتابَ ۾ ماهِرُ ٿِي پَنهِنجي پيءُ کي ڏُنڌي

***************** اڀياسُ *****************

سُوالُ ١- هيٺيَن سُوالَن جا تَوري ۾ جَواب ڏِيو:

(الف) ٽي - ويءَ ۾ ڪَنهن ڪَنهن کي ڏِسَندا آهيون؟

(ب) ٽي - وي مَندَر وانگُرُ ڪيئَن آهي؟


سُوالُ -٢ بيتَ جون هيٺيون سِٽون صافُ ۽ سُهڻَن اَکرَن ۾ لِکو. راماَيڻ جا رامُ ۽ سيتا،

مهاڀارَت جا ويرُ ۽ يوڌا.

سُوالُ ٣- هيٺيَن لَفظَن جي معنيٰ لِکو.

١. گائڪُ ٢. اَحوالُ ٣. جَنمُ ٤. پاٺَشالا

* * *



اِنسپيڪٽرَ چيو، ”ها بارَ چئہ.“ پرڪاشَ چيو
”اِسڪُولَ ۾ اَسِين عِلمُ پرايُون ٿا جئِين اَسان
جي رَھڻِي ڪَرڻِي ٺِيڪُ ٿِئي. اَسان ۾ سُٺيُون
عادتُون پَوَنِ ۽ اَسان جو چرِترُ سُڌِري. چرِترُ
بِنان ماڻھوءُ اِئين آھي جئِين ڪاغذَ جو گُلُ.
جنھِن ۾ نہ تازگِي ۽ نہ سُگنڌِ. فقطِ اَکِيُن
جو ڏيءُ.“

اِنسپيڪٽرَ: ”شاباس بارَ! تو تمامُ سُٺو
جَوابُ ڏِنو آھي. عِلمَ مان ڌَنُ دؤلتَ عِزَت
ناموُسُ ھُوشِياري وَغيره تہ مِلي سگھَن ٿا، پَرَ
سَڀَ کان وَڏِيڪَ آھي چرِترَ جو خزانو.
پَنھِنجو سُڀاءُ سِينگارَڻُ ۽ رَھِڻي سُڌارَڻُ ڪَنِ
ڪَمُ آھِنِ، جيڪِي اَسِين عِلمَ ذَريعي حاصِلُ
ڪَري سگھُون ٿا.“

عِلمُ پِرائجي تو تہ جئِين ماڻھوءَ اَدَبُ،



واپارَ ۾ مَدَد ڪَري سگهان." ڪَمِلا جو جوابُ
هو "مُنهنجو پيءُ چَوي ٿو ته، گهرَ ۾ ويهِي
ڇا ڪَندينءَ، تنهن کان اِسڪُولَ ۾ وڃِي
وَقتُ گُذارِ."

اِنسپيڪٽَرُ سَيڻِي جا جَوابَ ٻُڌي
مُشڪَندو رَهيو ۽ ڪَنڌَ سان نَه نَه ڪَندو رَهيو.
آخِر ڪِلاسَ جو مانيٽَرُ پَرڪاشُ اُٿِي بيٺو ۽
چَيائين، "سائِين مان ڪُجهه چوان؟"



سَبَقُ اُٺٽيهون

دَيا ڪَرِ

دَيا ڪَرِ دَيا جو وَڏو دانُ آ
دَيا جو ڪَري ٿو سو ڀڳوانُ آ

ٻُڪِڙي کي پَري پيٽ ڪارائِجي
ڏُکِئي سان پَلو پيرُ ئي پائِجي

پِڪي سان تہ هِرڪوئِي آهي پَلو
ٻُري سان ٻہ مِنٽ تِي ڳالهائِجي

سِبِلَ ۾ سَداچارُ سِکيِ سَگهي.

آپِياسُ

سُوالُ ١- هيٺيَن سُوالَن جا تُوري ۾ جَوابَ ڏِيو:

(الف) اِنسپيڪِٽرَ ٽِئين دَرِجي جي ٻارَنِ کان ڪهڙو سُوالُ پُڇيو؟

(ب) شَيامَ، اِنسپيڪِٽرَ کي ڪهڙو جَوابُ ڏِنو؟

(ت) چرِتر بِنا ماڻهوءُ ڪِيئَن هُوندو آهي؟

سُوالُ -٢ ڏِنگِيَنِ مان بَرابَر لَفَظ چُونڊي خالَ ڀَريو:

١. هِڪَ ڏينهُن اِسڪُول ۾ وَڏو .... آيو.

(ڊاڪِٽرُ، صاحب اِنسپيڪِٽرُ)

٢. ٽِئين دَرِجي جو مانيٽرُ........... هو

(رامُ، پَرڪاشُ، شَيامُ)

٣. اِنسپيڪِٽرُ سَڀِني جا جوابَ ٻُڌي .... رهيو

(مُشڪِندو، کِلندو، ٿڪِ ڏِيندو)

سُوالُ ٣- هيٺيَن لَفظَن جي معنيٰ لِکو:

١. عِلمُ ٢. ناموُسُ ٣. سِبِلَ ٤. ماهِرُ

* * *

سُوامِي وِويڪانَندُ

سُوامِي وِويڪانَندُ ڀارَتَ جو هِڪُ مَهانُ وِدوانُ ٿِي گُذِريو آهي. ننڍي هُوندي کان هُوُ راندِيُنِ جو شونقِينُ هو. ڊوڙَڻَ ۽ وَڏِنِ ٽِپَنِ ڏِيڻَ ۾ هُوشيارُ هو. ڪُشتِي ۽ مُڪابازِي ڪَرَڻَ ۾ چاهُ وَٺندو هو. لٺِ ۽ تَلوارَ ڦيرائِڻَ ۾ تَرَڻَ ۽ وَنجهه هَلائِڻَ ۾ ماهِرُ هو. بَدَنَ جو رُشِٽُ پُشِٽُ تَندرُسِتُ ۽ قُوِتُ هُوندو هو.

جُوانِيءَ ۾ کِلمُکُ، خُوشمِزاجُ، هِمَٿَ وارو سَڀَ جو ڪوڏِيو ۽ ڀي ڀَڙو هو. هُوُ راڳَ جو شونقِينُ ۽ ساز وَڄائِڻَ ۾ ڀِڙِ ماهِرُ هو.

هِڪَ دَفِعي ڪيس ”سَڀَ سُڄاڻَنِ“ جي زَبَرِدَسِتُ اِڇا ٿِي. هو سُوامِي رامِڪِرِشِنِ پَرِمَهِنِسَ جي سَنگَ ۾ آيو ۽ سَندَس اِها اِڇا پُوري ٿِي. سُوامِي رامِڪِرِشِنُ سَندَس اَصُلوڪو

دَيا جَنهِن ۾ ناهي سو شيطانُ آ
دَيا جو ڪَري ٿو سو ڀڳوانُ آ

جو ٿنهنجو ۽ مُنهنجو نِگهبانُ آ
اُهو پاڻَ مالِڪُ دَياوانُ آ

دَيا جو ننڍِي ڪان سَبَقُ جو سِکي
وَڏَن ڪان وَڏو سوئِي وِدِوانُ آ

دَيا سان وَڏو "عيشُ" اِنسان آ
دَيا جو ڪَري ٿو سو ڀڳوانُ آ

****************** اَڀياسُ ******************

سُوالُ ١- هيٺِيَن سُوالَن جا تَوري ۾ جَوابُ ڏِيو:
(الف) دَيا ڪَندَڙُ کي ڇا ڪَري سَمِجهيو آهي ؟
(ب) جَنهِن اِنسانَ ۾ دَيا ناهي، سو ڪَنِهن سَمانُ آهي ؟
سوال ٢- بيت جُوَن سِٽُوَن صافُ ۽ سُهڻَن اَکرَن ۾ لِکو
دَيا جو ننڍِي ڪان سَبَقُ جو سِکي
وَڏَن ڪان وَڏو سوئِي وِدِوانُ آ.

جو غريبَنِ اناٿَنِ بيمارَنِ جي سيوا ڪري ٿو.
اَڄ به رامڪرشنِ پرمهنسَ جي نالي پٺيان
پارَتَ جي ڪُندَ ڪُڙڇَ ۾ وديشَ ۾ وِدوانِ
سَنياسين جا مَٺَ آهنِ، جيڪي دُکين جي
سيوا ڪندا آهنِ. گيتا ۾ ڪرشنِ ارجنَ کي
اُپديشُ ڏنو آهي ته "اُٿُ جاڳُ" سوامي
وويڪانندَ به نوجوانَنِ کي للڪاري چيو،
" اُٿو جاڳو، غفلتَ ڇڏيو انسانَ ذاتِ جي سيوا
۾ ايشوَرَ جي سيوا سمجهو. سچو ڌرمُ اهو آهي."

سوامي وويڪانندَ کي " ويهين صديءَ
جو ڪرشنُ" مڃجي ٿو وڏاءُ نه ٿيندو.

****************** اڀياس ******************

سوالُ ١- هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب ڏيو:

(الف) سوامي وويڪانند جو اَصلي نالو ڇا هو؟

(ب) رامڪرشنِ پرمهنسَ جي چوڻ موجب سچو سَنياسي ڪيرُ آهي ؟



نالو نرَينِدَرُ ڦيرائي وِويڪانَندُ رَکيو. هِنَ ڌَرَمَ جي صَحِيحَ معنيٰ سَمِجهِي وَرِتِي. پَنهِنجي ديشَ ڀارَتَ ۾ ڏُکُ دَرِدُ ڏِسِي هُوَ ڏاڍو وِياڪُلُ ٿِيو. هِنَ سيوا جا مَرِڪَزَ کولِيا. اُهي "رامِڪرِشِنِ مَٺَ" جي نالي سان پِرَسِدِ آهِنِ. هِنَ جو چَوَڻُ هو تہ سَچو سَنِياسِي اُهو آهي



(ٿ) گيتا ۾ ڪرشن، ارجن کي ڪهڙو اپديش ڏنو؟

سوال ٢- هيٺيان خال ڀريو:

١. هڪ دفعي سوامي وويڪانند کي ...... سکڻ جي زبردست اڇا ٿي.

٢. ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وديشن ۽ ودوانن، سنياسين جا .... آهن.

٣. سوامي وويڪانند کي ويهين صديءَ جو .... مڃجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.

سوال ٣- هيٺين لفظن مان ساڳيءَ معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ٺاهيو.

(الف) ڪشتي ٢. خوش مزاج ٣. اناڻن ٤. غفلت.

(ب) ڪلمڪ ٢. ملھ ٣. سستي ٤. نڌڻڪن





مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل پوڻي.

Rs. 6.50

सिंधी (अरेबिक) बालभारती, इयत्ता तिसरी